

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور پيرزادي جون ڪهاڻيون

انور پيرزادو

انور پيرزادو
اڪيڊمي ڪراچي

پيڪاڪ پبلشرس
ڪراچي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر 110

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي نه ٿو ڪري سگهجي.

انور پيرزادي جون کاٽيون

ليکڪ: انور پيرزادو

ڇاپو پهريون: جنوري 2019ع

تعداد: 500 ڪاپيون

ڪمپوزنگ: نعيم ٻگهيو

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ٽائيٽل: شفيع پيرزادو

قيمت: 200 رُپيا

ڇپيندڙ

ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ بُڪ هائوس

404 رفيق سينٽر، ويجهو زينب مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607, 021-35682020

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

•	اداري پاران		5
•	مهاڳ	محمد علي پٺاڻ	7
01	خدا ۽ سرمايو		20
02	مُلاقات		22
03	ٻہ جيون ساٿي		28
04	قربانيءَ جي ٻڪري		37
05	جيل جو سماج ۽ ڏاڙيل		45
06	سازش		54
07	پرين پڇاڻان		70
08	ڪاڇي جي ڪهاڻي		78

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

سنڌي ادب ۾ انور پيرزادي صاحب جي سڃاڻپ جا وڏا ۽ مڃيل حوالا جيئن تہ جديد شاعر، ٻٽائي جي پارکو، ترقي پسند دانشور، نقاد، مترجم ۽ صحافي وارا رهيا آهن تنهن ڪري جڏهن بہ ڪير اهو ٻڌندو آهي تہ انور صاحب ڪهاڻيڪار بہ هو ۽ ان ڪهاڻيون بہ لکيون آهن تہ ٻڌندڙ خوشگوار حيرت ۾ پئجي ويندا آهن. پوءِ پڇندا آهن تہ ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون، ڪهڙي دور ۾ لکيون، ڇپيل آهن يا اڻ ڇپيل وغيره وغيره.

انور پيرزادو اڪيڊمي جيئن تہ انور صاحب جي ڇپيل، اڻ ڇپيل لکڻين کي ڪتابي شڪل ڏيڻ واري مقصد تحت وجود ۾ آندي وئي آهي تنهن ڪري انجي ايجنڊا تي انور پيرزادي صاحب جون اهي اڳاٽيون، 72-1971ع واريون ڪهاڻيون بہ هيون جيڪي ان دؤر جي پنن تي مس واري پين سان لکيل آهن ۽ جيڪي ڏگهي عرصي کان گهر اندر هڪ فائيل ۾ محفوظ پيون هيون.

اسانکي انور پيرزادي جون اهي لکيل چند ڪهاڻيون سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ کي ڪتابي شڪل ۾ ارپيندي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي. انور پيرزادي، جي انهن ڪهاڻين جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اهي ڪهاڻيون سندس سنڌ يونيورسٽي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهڻ دوران ۽ ڪورٽ مارشل ٿيڻ ڪانپوءِ واري دور جي نمائندگي ڪن ٿيون ۽ جن ۾ سندس جواني واري زندگي جي هڪ دور جي آتم ڪٿا واري جهلڪ به ملي ٿي.

انور پيرزادو اڪيڊمي طرفان انور پيرزادي جو ڇپايل هي 14 هون ڪتاب آهي جڏهن ته اڪيڊمي جو مجموعي طور تي هيءُ 17 هون ڪتاب آهي. اسانکي اهو ٻڌائيندي به سرهائي محسوس ٿي رهي آهي ته سنڌ جو ناميارو پبلشنگ ادارو پيڪاڪ پبلشر 2014ع کان انور پيرزادو اڪيڊمي سان گڏ انور پيرزادي جي ڪتابن کي ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي. ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ وارو هي مجموعو به انور پيرزادو اڪيڊمي ۽ پيڪاڪ پبلشرس پاران گڏيل طور شايع ڪيو ويو آهي.

اسان انور بلوچ صاحب جا به ٿورائتا آهيون جنهن انور پيرزادي صاحب جي ڪتاب ڇپائڻ جي سلسلي ۾ سهڪار پئي ڪيو آهي. انور پيرزادو اڪيڊمي لاءِ ڇپر ڇانوَ ٻڻيل محمد علي پناڻ جا وڏا وڙ جنهن انور پيرزادي جي ڪهاڻين جي روح ۾ لهي هن ڪتاب جو شاندار مهاڳ لکيو آهي ۽ سهڻي نثرنگار انور ابڙي صاحب بيڪ ٽائيٽل تي انور پيرزادي جي ڪهاڻين تي پنهنجي سگهاري راءِ ڏني آهي. جنهن جا به لک ٿورا.

اميد ته سنڌي ڪهاڻي جا نقاد، سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ۾ انور پيرزادي جي هن ڪهاڻي مجموعي جي واڌاري جي وڏي ڀاڪر سان آجيان ڪندا.

زرار پيرزادو
انور پيرزادو اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ جي ذري پرزي سان پٽائي سرڪار جهڙو عشق ڪندڙ ۽ هر وقت ان مٽان ساهه گهورڻ جهڙو جذبو رکندڙ، ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ جي وڏي قد وارو، جديد کان جديد، روشن خيال دانشور، شاعريءَ ۾ اسڪول آف ٿاٽ جو حوالو بڻيل، شاهه جو مثالي پارکو، بهترين ڪالم نگار، محقق، آرڪيالاجسٽ ۽ اينٿروپالاجسٽ، نج ڳوٺاڻو، دل جو ڪونئرو، سخي، هر ماڻهوءَ کي پاڻ سمجهي انهن جي ڏک تي روئي پوندڙ ۽ سنڌن پرجهلو ٿيڻ ۾ هر جوکم سر تي کڻندڙ ڏگ مڙس، منهنجو رهبر، دوست، ساٿي ۽ ماءُ جهڙو حقيقي ۽ سچو پيار ڏيندڙ انور پيرزادو صاحب اڻڳڻين خوبين جو مالڪ هو. جن مان هڪ اهم ۽ سدائين ياد رکڻ جهڙي خوبي اها به هوندي هئي، ته هن جي هر گفتي، بلڪ هر جملي ۾ ڪا ڳالهه هوندي هئي. ڳالهه به اهڙي، جيڪا ٻڌندڙ جي ڪنن مان هڪدم سڌو رستو وٺي، دل جي دفتر ۾ لهي وڃي هميشه لاءِ اتي ديرا ڄمائي ويهي رهندي هئي. انڪري مان سدائين حجت ڪري هن کي چوندو هوس ته، ”سائين، اهو جيڪو وڏو ڪهاڻيڪار اوهان جي دل ۾ ويٺو آهي، ڪجهه ان کي به وقت ڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سنڌي فڪشن جي ڌرتيءَ تي لازمي طور تي پنهنجي باغ جي آبياري ڪريو.“

ٺهڪ ڏئي وراڻيندو هو ”وقت مليو ته ائين ڪبو.“

بدقسمتيءَ سان اهڙو وقت حياتيءَ جي آخري لمحي تائين هن کي نه مليو ۽ منهنجي اها ۽ ان سان لاڳاپيل وڏي ۾ وڏي ”آتم ڪهاڻي“ لکڻ جي خواهش به پورائي جو اعزاز ماڻي نه سگهي!

۽ جڏهن هو نه رهيو ۽ مون سميت لکين والهانه پيار ڪندڙ ماڻهن کي ويڪرو ويڙهو ڏئي، ڌرتيءَ جي چادر پائي هميشه لاءِ هليو ويو، ته هن جي قلمي ورثي کي سهيڙڻ لاءِ سندس نالي سان ”اڪيڊمي“ ناهي وئي. جيڪا ڪنهن به سرڪاري سهڪار کانسواءِ پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي 2007ع کان 2019ع تائين مختلف موضوعن وارا هِنَ جا ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ سميت 14 ڪتاب ڇپائي چڪي آهي ۽ ڪيترائي ڇپائيءَ جي تياريءَ هيٺ آهن.

هي ڪتاب، جيڪو انور پيرزادي صاحب جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي ۽ جنهن ۾ ڪل اٺ ڪهاڻيون شامل آهن، تن مان اڪثر ڪهاڻيون هن 1970ع جي پنهنجي جيل ياترا دوران لکيون. جن ۾ تنهن زماني جي مسئلن ۽ ڳالهين سان گڏ انور پيرزادي صاحب پنهنجي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ڀيانڪ غربت کي به وائکو ڪيو آهي. جنهن لاءِ هڪ ڀيري شادين مرادين تي دهل وڄائي مرادون ونندڙ عمر رسيده فنڪار گل فقير سان ملاقات دوران مونکي ڇيو هٿائين ته،”اسانجي گهر جي غربت جو حوال هن شخص کان پڇ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گل فقير ٻڌايو هو ”ها سائين، تمام گهڻو مسڪيني حال هوڻ. مون اهڙي غربت پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪاتي ڪاتي ئي ڏٺي آهي...“

اهڙي غربت جي ڏيڍ مان نڪري آيل ۾ آسمان ۾ ”پائليٽ“ جي عهدي ڪي رسيل ۾ اتان سڌو جيل حوالي تي ويل هن سپورنجه شخص جتي قيد ڪڙولن وارن انهن ئي ڏينهن ۾ قلم کڻي شاعريءَ جي ڏِگ ڏي پنهنجي سوچ جا پير وڌايا، اتي هن ادب جي اهم صنف يعني ڪهاڻيءَ ڏانهن به پنهنجي خيالن ڪي سفر سانباهو ڪرايو.

هي ڪهاڻيون، جن ڪي لکيي ذري گهٽ پنجاهه ورهيه گذري چڪا آهن، سي جڏهن اڄوڪي زماني ۾ پڙهجن ٿيون ۾ انهن ۾ بيان ڪيل مسئلن ۾ ڳالهين تي غور ويچار ڪجي ٿو، ته توڙي جو وقت جي وڇوٽيءَ جو شدت سان احساس به ٿئي ٿو، پر گهڻي ڀاڱي ائين ئي لڳي ٿو ته هي اڄوڪي دور جون ئي ڪهاڻيون آهن. جن جي ماحول ۾ جيڪڏهن ٿورو گهڻو فرق آيو به آهي، ته اهو موبائيل، انٽرنيٽ جو ئي آيو آهي، نه ته لڳ ڀڳ حالتون اڄ به هوبهو ان دور جهڙيون ۾ ساڳيون ئي آهن. چو ته وقت اسان وٽ بدليو ناهي ۾ حالتن جي ڦيري سان ان جو ڳانڍاپو ٿي نه سگهيو آهي.

انور پيرزادي صاحب جو ڪهاڻيڪار وارو هي تعارف، جيڪو هن جي لکڻين جي مهين جي دڙي هيٺان پنجاهه سالن کان پيل هو ۾ هاڻي ظاهر تي ڇپجڻ لاءِ اسان اڳيان آيو آهي، ته ان جي مطالعي مان هن جي ڪهاڻيڪار واري حيثيت سندس شخصيت جيان قدآور محسوس ٿئي ٿي. چو ته ڪهاڻيءَ ڪي هن ڪهاڻيڪارن جي قطار ۾ نالي ڳڻائڻ لاءِ نه لکيو آهي، پر ان ۾ پلاٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردارنگاري، منظرنگاري ۽ گفتگوءَ جي سونهن سان گڏ فني ۽ فڪري حوالي سان بہ روح ۾ درد جو رشتو ڳنڍي لکيو آهي. جن جي اڇوتائپ ۽ غير روايتي هجڻ جو بنيادي سبب اهو آهي، تہ ليکڪ کي ماڻهوءَ جي نفسيات جي بہ پليءَ پت خبر هئي ۽ فڪشن لکندڙ لاءِ ان ڪانسواءِ وڏي قد جو فڪشن لکڻ ممڪن ئي نہ آهي.

ڪتاب ۾ شامل سينـي ڪهاڻين جي ترتيبوار مطالعي بعد راءِ زنيءَ ڪرڻ لاءِ اول اول ڪهاڻي "خدا ۽ سرمايو" ڪٽي هٿ ۾ ڪجي ٿي.

هيءَ ڪهاڻي جيتري مختصر آهي، اوڏي ئي گهري ۽ وڏي مقصد واري آهي. جنهن ۾ وڏيري جي "اسلامي سوشلزم" ۽ "اونچ نيچ" جي نعري واري ٻچاپڙائيءَ کي واڪو ڪيو ويو آهي ۽ آخري جملي ۾ حيران ڪندڙ سوچ جي ويسوڙي ۾ وجهندڙ اهي لفظ تہ. "سرمايو خدا تي حاوي آهي!" ڏئي، جڏهن ان تي ئي ڪهاڻيڪار پنهنجي تانَ توڙي ٿو، تہ پڙهندڙ جي چرڪ سان گڏ اندر مان چڻ ڪا ڪيهَ نڪري ٿي وڃي. جيڪا ڪهاڻيءَ جي بيمثال ۽ جديد هئڻ جي گواهي تہ ڏئي ٿي، پر ان بحث کي حقيقت ۾ تسليم ۽ عام ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي تہ، سرمايي کي اسانوٽ ڪيئن نہ خدا تي حاوي ٿيڻ لاءِ ڇيڪ ڇڏيو ويو آهي!

"ملاقات" انور پيرزادي صاحب جي تڏهوڪي پنهنجي جيل ياترا جي پس منظر ۾ لکيل حقيقي ڪهاڻي آهي، جنهن جي شروعات ئي درد جي وڏي ڇوليون هڻندڙ ساگر سان ٿئي ٿي. جيل جو لوهي سيخن مان نهيل جاريءَ جي پت وارو ملاقات جو ڪمرو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي پاسن کان بيٺل زال مڙس، جن جي تازوئي شادي ٿيل، ٻيئي ڀريان ڀوڙهن ۾ ڳالهائن ٿا ۽ پوءِ ڀوڙهن کي لفظ ڏئي جڏهن ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائي ٿو ته پڙهندڙ به هنيانءَ مُٺِ ۾ ڪري هن سان گڏ گڏ اڳتي وڌي ٿو.

ڪهاڻيڪار هاڻي هڪ پيرسن ماءُ جي ڪردار کي پيش ڪري ٿو. جيڪا شديد گرمي ۾ پيهه ۾ پنهنجي جوان پٽ سان زاروقطار روئندي ملاقات ڪري ٿي. هوءَ جڏهن پٽ کي چئي ٿي، ”تنهنجي مگ جوان ٿي آهي ، مون سان هل ته تنهنجو وهانو ڪريان.“ يا ”مان ڪلهه ڪنياتي کي مصري ڪارائي هئي، توڏي سلام مُڪا هئا، توکي مليا منهنجا ڊولڻ پٽ.“ ته، پڙهندڙ جا ڇهه به ڇڇي ٿا پون ۽ ساڳئي ڪرب مان گذرندي هو ڪهاڻيءَ سان اجا به وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو.

ان ڪربناڪ منظر بعد هڪ ڪراڙي قيديءَ جي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان ملاقات ڏيکاري وڃي ٿي. جنهن جو ننڍڙو پٽ يڪساهيءَ هن کي چوندو ٿو رهي ته، ”مونکي گوڏ وٺي ڏي. اٺ، هل هاڻي وٺي ڏي.“

اتي انور پيرزادي صاحب ڏسو ته ٻار جي نفسيات کي ڪيڏي نه منفرد ۽ نرالي انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي. جنهن جي خواهش جي پورائي لاءِ قيد ۾ ڪوٺ جڙڻ ته ڪا معنيٰ ئي ڪو نه ٿا رکن!

ڪهاڻي اتان ٽرن ڪري مک ڪردار ”مان“ سان ان جي زال ۽ ٻارن کي منظر ۾ آڻي ٿي. جنهن جو ننڍڙو پٽ به اڱئين ٻار وانگر بي فلڪائيءَ سان جڏهن پيءُ کي چوي ٿو ”بابا، مان توکي وٺڻ آيو آهيان.“ يا ”جهاز ڪاهي جيل ۾ اچي لهندس ۽ توکي وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندس.“ تہ ڪهاڻيڪار جي مشاهدي ۽ ذهني پختگيءَ سان گڏ پڙهندڙ جو فڪري طور بہ ان سان پيچ پختو تي ڪهاڻيءَ جي عروج ڏانهن وڌي ٿو.

۽ جيئن ڪهاڻي عروج طرف وڌي ٿي ۽ ”مان“ ڪردار جي وڏي پٽ سان ڪيل گفتگو، عام ڳالهہ جي تاثر مان مٿي ايري مقصد جو آسمان ڇهڻ لڳي ٿي تہ پڙهندڙ ان جي سحر ۾ ويتر ونجي ويجي ٿو. انور پيرزادو صاحب اتي پڙهندڙ کي هڪ عالمگير پيغام تو ڏئي، جيڪو انسانذات جي برابريءَ وارو آهي ۽ جنهن سان ئي هيءَ دنيا جنت ٿي سگهي ٿي.

پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻي وري بہ ٻار جي آزاداڻي نفسيات کي فوڪس ڪري ٿي. ملاقات جو وقت پورو ٿئي ٿو ۽ ”مان“ ڪردار جڏهن زال کان اڪين اڪين ۾ موڪلائي ٿو تہ ننڍو پٽ موڪلاڻيءَ کي نٿو قبولي ۽ جذبات ۾ پرجي چوي ٿو ”بابي کي وٺيون پوءِ ايندا سون. اسان هن ٿلهي پوليس واري جو پيٽ ڦاڙيندا سون.“

هن ڪهاڻيءَ کي بہ وقت جي فريم کان ڪڍي اڄ جي دور واري تناظر ۾ ڏسون، تہ هيءَ پنجاهہ سالن جي سفر ۾ اڄ بہ نئين نڪور آهي. انڪري، جو اسانجي ڏيهہ وارن جيلن ۾ قيدين جي ملاقات واري طريقي ۽ رواج ۾ ايڏو عرصو گذرڻ باوجود ٿڌ جيترو بہ بدلاءُ ڪونہ آيو آهي. پيو تہ ليکڪ ان کي لکيو بہ اهڙي انداز ۾ وڏي ذميواريءَ سان آهي، جو پڙهندڙ هن جي قلم جي سور سان سلهاڙجي، ڪٿي بہ ساهي نٿو پٽي ۽ هلندو وڃي آخري جملي تي ٿو بيهي. جنهن ۾ جاڻايل آهي تہ، ”ٻارن پنهنجا معصوم هٿ سيخن ۾ مضبوط ڪري ڇڏيا هئا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامتي نموني چيل ان جملي ۾ ڪيڏي نہ وڏي معنيٰ واري رمز رکيل آهي. جيڪا ڪهاڻيءَ کي، ڪهاڻين جي جهنگ مان ڪڍي ڌاڌي ٿي منفرد روپ ۾ ظاهر ڪري ڪلاسڪ جي درجي جو مستحق بڻائي ٿي.

”بہ جيون ساٿي“ ڪهاڻي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ ٻن پريمين سوڍي ۽ موهنيءَ جي ڪردارن کي فوڪس ڪري لکيل آهي. جيڪي انقلابي خيال رکن ٿا ۽ سرمائيدراڻي نظام جي خاتمي جا خواهشمند آهن.

انهن ٻن ڪردارن جي وچ ۾ بحث جو خاص نقطو ”شادي“ آهي. جنهن لاءِ سوڍو بضد آهي ۽ ان لاءِ هن وٽ دليل اهو آهي تہ، ٻيئي شادي ڪري، هٿ هٿ ۾ ڏيئي وڌيڪ موثر نموني سامراج خلاف ۽ انقلاب لاءِ ڪم ڪري سگهون ٿا. پر موهني هن سان اختلاف ڪري ٿي ۽ اهو موقف رکي ٿي تہ، شادي معاشي مسئلن ۾ وڪوڙي ڇڏي ٿي ۽ انقلابي سوچ وارن کي انقلاب جي راهہَ تان ٿيڙو ڏئي هميشہ لاءِ پريرو ڪري ٿي.

بهترين ۽ اعليٰ درجي جي عقل واري ان گفتگوءَ تي مبني هن ڪهاڻيءَ جو تاجي پينو ڌاڌو ٿي موهيندڙ ۽ شاندار آهي. جنهن ۾ تُوڙي جو سياست جي روشن خياليءَ واري بحث کي پيش ڪيو ويو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ سگهي نعري بازيءَ کان پاڻ بچائي ليکڪ ان کي وڌيڪ طاقتور ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ سدائين لاءِ جاءِ جوڙي ويهارڻ جو سعيو ڪيو آهي.

ڪهاڻي ”قربانيءَ جي ٻڪري“ ڳوٺاڻي سماج جي جهلڪ پسائي ٿي. جنهن جو ڪڌو پاسو اهو آهي تہ، ماءُ جي پيٽ ۾ پيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نہ چانور نينگرين جا سگ بہ ڪيا ويندا آهن ۽ ڪيا وڃن پيا.

قاپل اهڙي ئي هڪ ڇوڪري آهي. جيڪا پيٽ مان ٻاهر نہ آئي هئي، تہ وڏيري مينهين جي نالي ڪئي وئي هئي. پوءِ انگ نہ متاثر واري عمر باجود ٿي هوءَ وڏيري مينهين جي ڪنوار بڻائي وڃي ٿي. جيڪو ٻراين جو پيندار آهي. قاپل ڦريٽي ڏيءَ جڻي ٿي، تہ وڏيرو مينهون ٿو چوي، "هيءَ نياڻي زال آهي. جنهن مان ڦريون ٻار ئي ڏيءَ جائي آهي."

وڏيرو اتان قاپل کان اکيون ڦيري ٻي شاديءَ لاءِ سوچڻ ٿو لڳي. پر هڪ ڪاتڪو شادي نہ ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو ۽ "اسان توهان کي وڻ وڻ جي ڪاني پيش ڪنداسون" چئي بدڪاريءَ تي هرڪائيس ٿو ۽ هو ان راهہ تي هلي پوي ٿو ۽ راتين جو مهري پلاڻي، روالور ستر سان ٻڏي ڪچي جي هڪ هاريءَ جي گهر چارا ناهي، ڦنڊي چوي ٿو "مان ڪاڪ ڏٺي... منهنجو عشق عبادت آهي!"

هاڻي قاپل کي پٽ بہ ڄمي ٿو پر وڏيري جي نظر اندازيءَ ۾ فرق نٿو اچي. هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي وڃايل حق حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيري اڳيان زبان کولي ڳالهائي ٿي، تہ موت ۾ وڏيري وٽان هن کي ٻن ٻارن سوڌو هڪالجي نڪرڻ پلئہ پوي ٿو.

هوءَ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر ۾ رهڻ تي لڳي. جتان وڏيرو مينهون پٽ کي وٺي وڃي ڏامر ڏوهر سان ان جي طهرن جو ڪاڄ ڪري ٿو. جنهن ۾ قاپل جي ڳوٺ وارن جي ميڙ ڪري وڃڻ باوجود هن کي "زال نہ چئي" شريڪ نٿو ڪيو وڃي ۽ هوءَ ان ڏک ۾ وڏي پيڙا ۾ رڙيون ڪندي تڙپندي تي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاپل جي ان ڪربناڪ ڪيفيت کي چٽيندي ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ کي آرٽسٽڪ ٻُلُ ڏياري لکي ٿو"هن ڳوڙها اگهيا ۽ سڏڪا پريندي اٿي وئي، مانيءَ ٽڪر ڪٽي اچي ٻليءَ کي وڏائين پر ٻليءَ نہ کاڌو."

هنن ٻن اڀائي جملن ۾ انور پيرزادي صاحب انسان کي ڪيڏين بہ تڪليفن هوندي پاڇهہ واري جذبي ۾ ڏيکاري ان جي اعليٰ ڳُڻَ کي اجاگر ڪيو آهي. جيڪو فطرت سان سلهاڙيل آهي ۽ ڪڏهن بہ ان کان ڌار ٿي نٿو سگهي.

ڪهاڻيءَ ۾ پوءِ وڏيري مينهين جي زوال جي ڏينهن کي ڏيکاريو ويجي ٿو ۽ حڪومت جي تبديليءَ سان نئون وڏيرو هن جي جاءِ والاري ٿو. جيڪو هر طرح جا پلوَ ڪرائڻ کان پوءِ هن کي 110 ۾ جيل اماڻڻ جا انتظام بہ ڪرائي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ هو روپوشيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿئي ٿو.

پويان پوليس ڪاهي ٿي اچي. وڏيري مينهين جي ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ ان جا ننگ ڪيڻ جو فيصلو ڪري پوءِ قاپل کي ٿاڻي تي آڻي لاڪپ تي ڪري. جتي هوءَ وڏيري مينهين سان تعلق نہ هجڻ ۽ ان جي زال نہ رهڻ جون دانهون ڪري ٿي، پر آزادي نہ ٿي مليس ۽ مليس ٿو تہ انڌي، گونگي ۽ ٻوڙي پوليس جو هر طرح جو تشدد.

هن منظر ۾ ڪهاڻيڪار اوچتو ٻليءَ جي ٽپي سان صوبيدار جي منهن جي رانيوتجڻ ۽ رتو واهہ ٿيڻ جي عڪسبندي ڪري سپاهيءَ هٿان ٻليءَ جي مارجڻ تي ڪهاڻيءَ جو اختتام ڪري ٿو ۽ فيصلو يا ان جو نتيجو پڙهندڙ تي ڇڏي ڏئي ٿو. تہ اهو ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ڪيڏي؟

اهڙي نموني جي ڪهاڻي جي سرئيلسٽ پڄاڻي غير روايتي ۽ ان کي دوام بخشيندڙ آهي. جنهن مان ڪهاڻيڪار جي سوچ جو اهو نئون ۽ نرالو حوالو بہ پراپت ٿئي ٿو.

ڪتاب جي پنجين ڪهاڻي "جيل جو سماج ۽ ڏاڙيل" بہ ڪهاڻي "ملاقات" جيان جيل جو پسمنظر رکي ٿي. پر انور پيرزادي صاحب ان کي نئون رخ ڏئي لکيو آهي. جيل جي ماحول، قيدين جي نفسيات ۽ انهن جي قسمن سان گڏ اي، بي، سي ڪلاسن جو ذڪر ۽ ان سان اونچ نيچ جي فرق کي ظاهر ڪري ان ئي ڪهاڻيءَ جي مهڙين حصي ۾ هو پنهنجي ذاتيات کي، يعني ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ مَنهن واري گهر ۽ متي گل فقير جي واتان ڄاڻايل انتهائي غربت کي بہ جڙ تہ تصديق طور شامل ٿو ڪري. لکي ٿو."جيل جي ڪوٺيءَ جي پنهنجي اباڻي گهر سان ڀيٽ ڪريان ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ مان تہ بهشت ۾ آهيان. اسانجي ٻلهڙيجيءَ واري ڪکائين گهر جو ورو تڙڪيل آهي- جنهن کي بابي ۽ مان ٽوٽي ڏني هئي. طوفان يا زوردار مينهن وسندو آهي، تہ گهر سڄو جهولندو آهي."

غريبي ۽ بيوسيءَ جي ان تصوير سان هو اتي ئي پنهنجي من اندر جي خواهش جو اظهار هنن لفظن ۾ ڏسو تہ ڪيڏي نہ عجيب نموني ٿو ڪري، "انوقت مونکي سوچڻو پوندو آهي تہ هن سماج ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو انتظام هجي تہ اسانکان سرڪار جيترو ڪم وٺيس سو وٺي ۽ اسانکي پڪو گهر، کاڌو ۽ لٽا ڏئي."

ڪهاڻيءَ ۾ اڳيرو هلي هو پنهنجي شفاف سوچ جو اظهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهن جي خاتمي لاءِ جاکوڙيندڙ ۽ ان ڏوهه ۾ سامراجي سازش تحت قيد ڪاٽيندڙ قيدين جو الميو بيان ڪندي ۽ انصاف پرٽي سماج جي اڏاوت لاءِ اجهو هيئن به پنهنجي تمنا کي ظاهر ٿو ڪري ته، ”جنهن ۾ ڏوهه نه ٿين، جنهن ۾ بک نه هجي، جنهن ۾ ڪنهن اشراف جو ڪنوارو پاءُ اگهاڙو نه ٿئي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي مٽي ڇانو هجي، جنهن ۾ پورهيت ۽ هاريءَ جي خون مان محلاتون نه جڙن، جنهن ۾ گوڏير هاريءَ جي پگهر جي پورهيي کي ڳڙڪائي وڏيرو اشرافن جا ننگ نه تڪي ۽ جنهن ۾ سڪيلڌن ٻچڙن کي ارهه ۾ گولي نه لڳي.“

ڏوهن جي خاتمي جي ڏوهاري ڪردارن جو ٻين قيدين کان ڌار ڪري انور پيرزادو صاحب انهن جو تعارف هن طرح ٿو ڪرائي، ”اهي ڏوهي ان پوليس واري لاءِ به ڪم ڪن ٿا، جو هنن کي هٿڪڙيون هٽي گهلي رهيو آهي. اهي انهن جاسوسن جي پگهار وڌائڻ لاءِ به تڙپن ٿا، جي هنن کي ڪميونسٽ لکي سزا ۾ اينگهه ڪرائن ٿا. اهي قيدي مون ٻين سيني کان خوش ڏٺا. هنن جي پيشانيءَ مان فخر ڏنم ۽ انهن وٽ پڇتاءُ ڪونه هيو. شايد انڪري جو هو تاريخ جي ڌارا کي سمجهن ٿا. ظلم جي فلسفي کي سمجهن ٿا. دولت جي ورهاست کي ڄاڻن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي ته سرمايا ڪئي ڪرڻ ڪري ڪهڙيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون.“

پنهنجي خوشين کي اجتماعي خوشين سان ڳنڍيندڙ انهن مثالي ۽ صاف سٿرن قيدين جو تعارف ڪرائي انور پيرزادو صاحب ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار ”ڌاڙيل“ ڏانهن پنهنجي قلم کي موڙي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪردار، جنهن جا ڪي بہ ڏاڍا هنيل نہ آهن ۽ جيڪو اتي جيل ۾ انوقت بہ هڪ نہ ڪيل خون جي عيوض چوڏهن سال قيد جي سزا ڀوڳي رهيو آهي، ان بابت ڪهاڻيڪار ٻڌائي ٿو، تہ هن کي هڪ ڏنگ زميندار، جيڪو تڏهوڪي زماني ۾ وزير بہ هو، بي گناهہ ٻن ترڪن جي اسپيئر ويل لڪائڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪرائي، ڌاڙن ۽ قرن جا ڏوهہ بہ شامل ڪرايا تہ آخر ۾ خونيءَ طور چوڏهن سال قيد بہ ڏياريو.

گهڻ پاسائين هي ڪهاڻي بہ هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ هميشہ لاءِ پنهنجي ياد ڇڏي وڃڻ جهڙي خوبيءَ سان انڪري بہ مالا مال آهي، جو ڪهاڻيڪار، ڪهاڻيڪار ٿي ئي ان جي موضوع ۽ ڪردارن سان نياءَ ۽ انصاف ڪيو آهي.

ڪهاڻي "سازش" جو موضوع بہ انور پيرزادي صاحب پنهنجي بين ڪهاڻين کان بنهہ ڌار ڪري چونڊيو ۽ لکيو آهي. جنهن ۾ "ساجن" جهڙو باهمت ۽ ماڊل ڪردار بک جي ڀيانڪ تصور کي پٺي ڏئي ۽ عشق جي رنگينين ۽ پيٽ ڏوَ جي اطمينان ۾ پنهنجيون وفاداريون تبديل ڪري ٿو ۽ انسان دوستيءَ واري آدرش تان اکيون ۽ ڪنڌ جهڪائي هٿ ڪٽي رت پياڪ ۽ انسان دشمن ڌرين سان سمجهوتو ڪري ٿو، تہ ليکڪ ان کي باضميريءَ جي انصاف پرڀي فيصلي موجب تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ بيهاري، "مجرم" ۽ "غدار" قرار ڏئي، پنهنجي پوري طاقت سان پوئتي ڌڪي ٿو ۽ اهو چئي تہ، "زخميل کي ڇڏي ڏيو. توهان اڳتي وڌو، وقت تمام ٿورو آهي." هڪ وڏي پيغام کي آشڪار ڪري ٿو جيڪو ڪمٽمينٽ جو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پرين پڇاڻان“ ڪهاڻي آهي تہ ڪوھہ ڪوٽڙ بابت، پر انور پيرزادي صاحب ان کي شاهڪار منظر نگاريءَ، مشاهدي جي ڊجيٽل ڪيميرا جهڙي اک، اعليٰ درجي جي شاعراڻي بوليءَ جي استعمال، ڳوناڳي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ناڪام عشق جي دکدائڪ ۽ نہ وسرندڙ داستان ۽ ”اوياپي“ جي مثالي ڪوڏياري ۽ ٻنيءَ جي ڪم ۾ وڏي هاڪ ۽ خاص طور تي ”رونبي“ ۾ ڪو مَٽُ ۽ ثاني نہ رکڻ واري خوبصورت ڇوڪري بسران جي ڪردار سان سينگاري، بي انتها سهڻو ۽ يادگار بڻائي ان انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو سنڌي ڪهاڻيءَ جي ياڳ جي تاريخ وڏيڪ جرڪندي ۽ چمڪندي نظر اچي ٿي.

اٿين ۾ ڪتاب جي آخري ڪهاڻي ”ڪاڇي جي ڪهاڻي“ آهي. جيڪا انور پيرزادي صاحب پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ لکي. تنهن کي ڪاڇي جي سوڪهڙي جو سڏڪو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هيءَ ڪهاڻي، تمام ٿورڙن لفظن ۾ بلڪل ننڍڙي پلاٽ تي مشتمل آهي، ان کي انور پيرزادي صاحب ڪاڇي جي دائمي درد سان پنهنجي قلم جي حساس قلب ۾ سمائي شاعريءَ جي پيرايي ۾ اهڙي طرح لکيو آهي، جو پڙهندي سِٽ سِٽ مان سيسراٽيءَ جو احساس ايري ٿو.

اٿين هن ڪتاب ۾ شامل هي سيئي ڪهاڻيون انور پيرزادي صاحب جو تہ اسان سان نئون تعارف ڪرائن ٿيون، پر سنڌي ڪهاڻيءَ جي محققن کي بہ نوان تعارف ۽ حوالا آڇين ٿيون.

محمد علي پٺاڻ

24 ڊسمبر 2018ع، لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خداءِ سرمايو

جنديءَ تي لٽل پلنگ مٿان ريشمي فراسي، پٽيرٽي، ٻه رلهيون ۽ هڪ گلٽيڪس جي چادر پيل هئي، مٿن ڪان پشم جهڙا وهاڻا ۽ پيرن ڪان ريشمي سوڙ پئي هئي. وڏيرو شڪار ڪري آيو ۽ اچي پلنگ تي ويٺو. هن جي اچڻ سان سڀ ماڻهو فرش تان اٿي بيٺا، جڏهن ويٺو تڏهن ٻه ڪجهه وقت هو بيٺا ئي رهيا، هن سگريٽ دکايو ۽ ماڻهن کي ويهڻ لاءِ اشارو ڏنو، هو ويهي رهيا.

ڪوٺيءَ جي پاسي وارين ٻن پٽين سان ڪرسين جي قطار هئي، جتي سندس جيڏا سرتا يا ڪمدار ويهندا هئا. مان اوچتو آيس، سمجهيم تہ وڏيرو ڏاڍ مان پنڌ ڪري ڪو هاٿي ئي اچي ويٺو آهي ڇاڪاڻ جو هن جي ڪاري بوٽ تي اجا رئي چڙهيل هئي.

وڏيرو ۽ مان ننڍي هوندي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسون، وڏيري جلد ئي پڙهڻ ڇڏي ڏنو هو، مان ساڻس گهرو هوندو هئس، ڪڏهن ڪڏهن ڇڪي پنهنجي پلنگ تي پيرن ڪان ويهاريندو هو، پر ڪمدارن جون ڪاوڙيل اکيون ڏسي مان سعيو ڪري لهي ڪرسي ريڙهي ان تي ئي ويهي رهندو هوس. وڏيرو پنهنجي قوم جو لٽ سردار ٻه هو ان ڪري ان جي راڄ جا ماڻهو هن ڪان سواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ ٻئي کي هن جي پلنگ تي ويهڻ نہ ڏيندا هئا. هن دفعي مان سڌو وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس. وڏيرو ملن جي خلاف اليڪشن ۾ اسلامي سوشلزم کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ اسلام تي ڳالهائي رهيو هو. هُو چئي رهيو هو تہ اسلام ۾ اوچ نيچ جو ڪو بہ فرق ڪونهي. سوشلزم ان مساوات جو ٻيو نالو آهي.

مان ويٺس ئي مس تہ منهنجي پويان وڏيري جو هڪ هاري آيو. اندر گهڙي ادب سان نوڙي وڏيري کي پيرين پئي هيٺ ويهي رهيو. وڏيري جي بوٽ تي ٻن آڱرين جو نشان چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو. مان هاريءَ ڏي منهن ڪري چيو: ”قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ هڪ خدا جي ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن ' ي بہ سجدو روا ناهي. اهو شرڪ آهي ڪفر آهي ۽ سجدي يا نوڙت جا بہ ڪيئي قسم آهن. سڌو سنئون تي باادب ٻيهڻ، ٻانهون ٻڌي بيهڻ، اڳتي جهڪي نياز ڪرڻ، گوڏن تي هٿ رکڻ ۽ جهڪڻ يا ڪنهن آڏو صفا جهڪي نرڙ زمين تي رکڻ مڙوئي سجدو آهي...“

مان چئي بس ڪئي، ڪجهہ وقت خاموشي ڇانئجي وئي، وڏيري جو اسلام تي ڳالهائي رهيو هو تنهن مون ڏي ڏٺو. ها ۾ ها ملائي هاريءَ چيو ”بروبر سائين، هو ٻنهي جهانن جو رکوالو آهي“.

ڳالهہ نٽائي وڏيرو مون سان شڪار جون ڳالهيون ڪندو رهيو. ٿورڙيءَ دير کان پوءِ اهو هاري پنهنجي جاءِ تان اٿيو. باادب وڏيري کي پيرين پئي آهستگيءَ سان بنگلي مان ٻاهر هليو ويو. مان نظر ڦيرائي ڏٺو تہ وڏيري جي بوٽ تي پنجن آڱرين جا نشان هئا!

مان سوچي رهيو هوس تہ سرمايو خدا تي حاوي آهي.

(25 جنوري 1972ع-حيدرآباد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاقات

لوهہ جي سيخن مان تهيل جاريءَ جي پٺ جا ٻئي پاسا ماڻهن سان ڀريل هئا، سيخن جي هر هڪ ڳڙکيءَ ۾ چار چار اکيون هڪ ٻئي کي گهوري ڏسي رهيون هيون. وچ ۾ هڪڙي سيخن جي ديوار ۽ ٻي ڳوڙهن جي. پيهہ ڏاڍي هئي، هيٺ تر اچلائڻ جي بہ جاءِ ڪا نہ هئي. گوڙ ۾ سڏڪن، اوڇنگارن ۽ ڳوڙهن ڀريل خاموشيءَ جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا، اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي کان جيل جي پهريدارن جون رڙيون ۽ لڪڻ جا وسڪارا برابر نظر اچي رهيا هئا.

منهنجي ڀرسان منهنجو هنڌيوال پنهنجي زال سان ملاقات ڪري رهيو هو. سندس زال جوانيءَ جي پڙ ۾ اچا هاٿي پير پاتو هو، ٻنهي جي شاديءَ جي ميندي اجا سندن هٿن تان ڪا نہ لٿي هئي. ملاقات جون چند گهڙيون ٻئي خاموش هئا، ٻنهي جون اکيون هڪ ٻئي کي ٽڪ ٻڌي ڏسي رهيون هيون ۽ چپ ڦڙڪي رهيا هئا، ٻنهي جون اکيون ۽ نڪ ٽمي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ وقت گذرڻ جي احساس هنن کي پرچايو ۽ ڳوڙها خشڪ ڪيا، هڪ ٻئي کي ويجها پوندا ويا، ٻنهي جا چپ هڪ انچ جي مفاصلي تي اچي بيهي رهيا، وچ ۾ هڪ لوهي ڪاري سيخ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انچ جو مفاصلو هنن جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جي وٿي هئي.

”ڪالهوڪي ڏينهن ۾ مان ٽي دفعا ڊوڙندي ڊوڙندي وجي در کوليو، پر تون ڪو نہ هئين. شايد ڪن لنوي رهيا هئا، مان تہ چٽو ٻڌو هيو تہ تون در کولڻ لاءِ سڏي رهيو هئين،“ زال چيو.

مڙس ڪِيت ڏني.

”مان ٽن پيرن تي پڙ باسيا آهن، هڪ فقير کان ڏارو وجهرايم، تنهن چيو تہ تنهنجو مڙس اوچتو اچي نڪرندو ۽ تون ان وقت گهر ۾ ننڊ پئي هوندينءَ. ان ڏينهن کان پوءِ مون کي ننڊ اصل ڪا نہ ٿي اچي“. زال وري چيو.

”من... ... ... صبر ڪر، ايترو نہ سوچ، مان ٻئي جنم ۾ بہ تنهنجو آهيان“. مڙس وراڻيو.

جيلر جي ٽڪڙ تي سندس زال هلي وئي. مون نظر ڦيرائي ڏٺو هڪ پيرسن ماءُ پنهنجي جوان پٽ سان ملاقات ڪري رهي هئي، مائي زار زار روئي رهي هئي. ماڻهن جي پيهہ ۾ گرميءَ ڪري هوءَ رکي رکي دل تي هٿ رکي سڄي بيٺي ٿي پئي ۽ وري پٽ ڏي ڏسي روئڻ پئي شروع ڪيائين.

”پٽ! مان توکي ان لاءِ ڪو نہ ڄڻيو هو“. ماڻس سڏڪن ۾ چيو، ”تنهنجي مڱ جوان ٿي آهي، مون سان هل تہ تنهنجو وهانو ڪيان“.

پٽ خاموش بيٺو هو، هن جا لڱ ڪانڊارجيو پئي ويا، ڪنن جون ڪناريون ڳاڙهيون لال ٿي ويس، رکي رکي امان پئي چيائين ۽ آواز نڙيءَ ۾ گهٽجي پئي ويس.

”منهنجا جگر، مان تہ صدقو وڃانءِ، تون ڪڏهن گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندين، مان تہ گھور وجانءِ" چئي ماءُ اوچنگارن ۾ پئجي وئي.

پٽ جي اکين مان بہ چمڪندڙ ڳوڙها ٻہ سڏيون ليڪون ٺاهيندا زمين ۾ جذب ٿي ويا.

"مان ڪلهہ ڪيانتي کي مصري ڪارائي هئي، توڏي سلام مُڪا هئا، توکي مليا هئا منهنجا ڏولڻ پٽ؟". ماڻس پڇيو.

مان اتي بيهي نہ سگهيس، ٺورو اڳتي وڌيس، هڪ ڪراڙو قيدي پنهنجي زال ۽ ٻارن سامهون بيٺو هو، سندس ننڍڙو پٽ يڪي ساهيءَ چئي رهيو هو:

"بابا! مون کي گوڏ وني ڏي، اٺ، هل هاڻي وني ڏي".

"هل نہ، يلا چو نہ تو وني ڏين، يلا نہ وني ڏيندين چا؟".

"بابا! مان تنهنجي ڪٺ تي سمهندو آهيان، بابا تون ڪٿي سمهندو آهين، اڄ رات بابا مان توسان سمهندس".

ڪراڙي پيءُ جي ڏاڙهيءَ جي وارن مان ڳوڙها ترڪندا جهول کي آلو ڪندا رهيا.

مان هن ماتم جي ڏيک کان پري ٿيڻ لاءِ سوچڻ لڳس تہ منهنجي ملاقات الائي ڪڏهن ٿيندي. ان ڏينهن مان پنهنجي ننڍڙن ٻارن ۽ زال سان ملي خوش ٿيندس. ايتري ۾ سيخن جي پرئين پاسي کان پنهنجي زال کي ايندي ڏٺم، ڏاڍي خوشي ٿي، ويجهو ايندي ئي منهنجي ننڍڙي پٽ چيو:

"بابا، مان توکي وٺڻ آيو آهيان"

"پٽ! هي ٺوپين وارا ماڻهو مون کي نہ ٿا ڇڏين" مون چيو

"بابا! هي ڪير آهن؟"

"پوليس وارا"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بابا! مان هنن کي ڪهاڙيون هٿي توکي وٺي ويندس.“
منهنجي نڙي گهٽجڻ لڳي، مان ڳالهه ٽنائي چوڻ لڳس:
”پٽ تون ڪائون درجو ٿو پڙهين؟“
”بابا مان ٽئين ۾ آهيان، انگريزي پڙهندس، پوءِ فوج ۾ جهاز هلائيندس“.
”شاباس! پوءِ ڪاٿي ويندين؟“ پڇيم،
”بابا! مان جهاز ڪاهي جيل ۾ اچي لهندس ۽ توکي وٺي هلندس“.
”پٽ تون ته اڃا ننڍڙو آهين نه؟“ چيم
”نه بابا، مان هاڻي وڏو ٿيو آهيان، ڪائين جي پري به ڪري ايندو آهيان“ پٽ چيو.
مان زال ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺو، هن جا چپ ڦڙڪي رهيا هئا ۽ سڏڪا پري رهي هئي، مان هن کي آٿت ڏيندي چيو:
”من! زندگي انهيءَ شئي جو نالو آهي،زندگيءَ جي هر موڙ تي ماڻهو حالتن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪري ته سٺو.“
”ها، پر جنهن مهل هي معصوم ٻار تنهنجي مون کان پڇيا ٿا ڪن ان مهل منهنجي آنڊن ۾ ولهوٽ ٿا پون. مان ڇا ڪيان.“
منهنجي زال ڳوڙها اگهندي چيو.
”تنهن هوندي به ٻارن کي سمجهائي سگهجي ٿو“. مان چيو.
”نه من ٻار هاڻ پاڻ سمجهه وارا ٿيا آهن، تازو ڦناڪن جي عيد تي تنهي ٻارن ماني ڪا نه کاڌي، بابا بابا ڪري اچي روئڻ ۾ چتڪيا، پوءِ ته مون کي آنڊا پيا وات ۾ اچن. مان ڪاڏي وڃان؟ تون سمجهائين.“ زال چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون اکيون پاٽيءَ سان پرجي ويون ۽ زال ۾ پار هڪ ڏنڊ وانگي نظر اچي رهيا هئا، مان پارن ڏي ڏسي چوڻ لڳس:

”پٽ توهان عيد تي ڪيترا ڦٽاڪا ڇوڙيا هئا؟

”بابا، اسان جا ڦٽاڪا سنجهي ئي کپي ويا هئا، پوءِ اسان امان کي چيو تہ ڏس تہ بابو ڪاڻي آهي تہ اسان کي ڦٽاڪا وٺي ڏئي، پر امان نہ ڏسيو، بابا! تون ڪاڻي هئين؟“ منهنجي وڏڙي پٽ پڇيو.

”مان هت هئس“

”هت ڇا پيو ڪرين؟“

”ڦٽاڪن جو انتظام پيو ڪيان“

”ڪنهن جي لاءِ بابا؟“

”پٽ، سيني غريبن جي پٽن لاءِ“

”پوءِ انهن کي ڏنئي؟“

”پٽ، اهو ڪم ڏکيو آهي، مان هڪڙو نہ ٿو ڪري سگهان، جڏهن توهان وڏا ٿيندئو تڏهن توهان کي بہ ان لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو، پوءِ وري توهان شادي ڪندئو، توهان کي پار ڄمندا تہ انهن کي بہ اهو ڪم ڪرڻو پوندو، پوءِ هڪڙو ڏينهن ايندو جڏهن سيني پارن کي هڪ جيترا ڦٽاڪا ملندا ۽ وڏي سڄي ڏينهن ڪو بہ پار نہ روئيندو“ مون چيو.

”بابا، پوءِ انهيءَ ڏينهن اسان بہ اڌ رات تائين ڦٽاڪا ڇوڙيندا سون؟“ منهنجي ننڍي پٽ مشڪي چيو.

”ها، پٽ، اهڙو ڏينهن بہ ايندو“ مان ٿڌو ساهہ کڻندي چيو.

”بابا پوءِ اهو ڏينهن ڪهڙو هوندو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڳاڙهو“

”منهنجي قميص جهڙو؟“

”ها پٽ تنهنجيءَ ريتيءَ قميص جهڙو“ مان وراڻيو.

ايتري ۾ جيلر رڙيون ڪندو آيو. هن اسان کي موڪلائڻ لاءِ چيو. مان زال کان اکين ۾ اکيون وجهي موڪلايو. هن جون اکيون پرجي آيون، هن ٻارن کي ياڪر پائي نرڙ تي چمي ڏني ۽ گهر هلڻ لاءِ چيو. ٻارن گڏجي احتجاج ڪيو ۽ وڃڻ کان انڪار ڪيو. ننڍي پٽ چيو ”امان بابي کي وٺيون پوءِ ايندا سون. اسان هن ٽلهي پوليس واري جو پيٽ ڦاڙيندا سون“.

منهنجي زال ششدر هئي.

جيلر مون کي ٻانهن کان وٺي سٽ ڏني ۽ ڌڪو ڏئي جيل جي پٽ وارو در ٽپائي ڇڏيو. مان منهن ورائي ڏٺو ته منهنجي زال ٻئي هٿ منهن کي ڏئي سڏڪا ڀري رهي هئي ۽ منهنجن ٻارن پنهنجا معصوم هٿ سيخن ۾ مضبوط ڪري ڇڏيا هئا.

(1 جون 1972 ڪراچي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ جيون ساٿي

”نہ من! اهي سڀ پراڻيون ڳالهيون آهن جن جي ڪري اسان ڪي هڪ فرسوده نظام جو گهگهو ڳچيءَ ۾ پيو آهي.“

”جذبات جي وهڪ ۾ اچي تون جيڪي ڪجهہ چئي رهيو آهين، سو مان سمجهان ٿي تہ اسان کي موٽائي انهيءَ ڪوڙ هٽي جنجل واري رسم ۽ رواج ۾ ڦٽو ڪندو جنهن کي بدلائڻ جو اسان نئين ٿهيءَ عزم ڪيو آهي“.

”تہ ڇا تنهنجو اهو مقصد آهي تہ اسان کي بنيادي انساني فطري آزادي جو بہ حق ڪونهي ۽ اسان هڪ ٻوڳيءَ واري زندگي گذارڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيون؟“

”سوڊا! ڀل تون ان کي آزاديءَ يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو نالو ڏي، پر اهو ڏيگ اسان کي موٽائي انهيءَ اوڙاهہ ۾ اڇليندو جنهن ۾ تنهنجا وڏا ۽ منهنجا وڏا صدين کان پچرندا رهيا آهن ۽ جنهن جو سيڪ نسلن جا نسل لتاڙي ويهين صديءَ جي جوانڻ جماڻ رت کي بہ سڪائي ڇڏيو آهي.“

”تہ ڀلا، تنهنجو مقصد چاهي تہ اسان انسان نہ آهيون يا اسان ۾ پيار ڪرڻ جي فطري جبلت موجود ناهي يا سچي زندگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي کان پري رهي دنيا ترڪ ڪري ڇڏيون؟" سوڍي جون سوالي اکيون موهڻي کي گهوريندڙيون رهيون.

موهڻي اداس ٿي وئي. هوءَ ڪئمپس جي اولهہ ۾ هڪ ننڍڙيءَ پٿر جي ٽڪريءَ تي ويٺي سج کي ٻڏندو ڏسي رهي هئي، هن جون اکيون ٻڏندڙ سج وانگي مرجهايل ٿي لڳيون جن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي صدين جي پيڙا ليئا پائي رهي هئي.

موهڻي سنڌوءَ ڪپ تي هڪ ڳوٺڙي ۾ رهندڙ هڪ هاريءَ جي ڄائي هئي، پنهنجي خاندان جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين ڇوڪري هئي جيڪا تعليم وٺڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ آئي هئي، يونيورسٽي ۾ هوءَ پوليٽيڪل سائنس ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندي هئي جتي سوڍو بہ پڙهندو هو.

سوڍو، سنڌ جي ٻهراڙيءَ مان آيل هيٺين وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هڪ ماستر جو پٽ هو، جنهن کي سندس پيءُ ڪلي تي ٻڌل سيئي ڍور وڪڻي پڙهايو هو.

لهندڙ سج نيري آسمان تي نارنگي نشان ڇڏي ٽڪرين پٺيان غائب ٿي ويو. موهڻي سج کان پوءِ انهن ڪومايل شعاعن کي تڪيندي رهي جيڪي سج وانگي آهستي پنهنجا نشان مٽائي رهيا هئا.

سوڍو، سندس منهن ۾ جوهہ وجهي گهوري رهيو هو. موهڻي جو چهرو سانجهي جي مڌم رنگارنگي روشنيءَ ۾ اڃا بہ پيارو ٿي لڳو. هو سوچي رهيو تہ جيڪڏهن پنهنجي وس واري آزادي بہ اسان پاڻ کي ڏئي نہ سگهياسين تہ پوءِ سامراج کان آزادي ڪيئن وٺنداسين. شام ڍرڪندي ٿي وئي، وقت جي وهڪ کي محسوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي سوڍي خاموشيءَ کي ٽوڙڻ گهريو ۽ چيو:

”جيڪو انسان پنهنجو پاڻ سان انصاف نہ ٿو ڪري سگهي سو ٻئي سان ڪهڙو انصاف ڪندو؟“.

موهڻي ٿڌو ساهہ کنيو ۽ خيالن جي ڇولين مان پاڻ ڇڏائي چيو:

”سوڍا! جنهن کي تون پاڻ سان پاڻ انصاف ڪرڻ سڏين ٿيو اهو مفاد پرستي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. جيستائين انصاف جو تعلق آهي، سو مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ تو وارو فارمولو تو ۽ مون لاءِ انصاف ثابت ٿيندو.“

”ہہ جيون ساٿي هڪ مقصد لاءِ وڏيڪ ويجها ٿي جيڪڏهن هٿ هٿ ۾ ڏئي جدوجهد ڪندا تہ مقصد سان بہ انصاف ٿيندو ۽ پاڻ سان بہ.“ سوڍي ميرانجهڙي آسمان ۾ يونيورسٽي جي عمارتن جي چوٽين کي گهوريندي چيو.

”مان سمجهان ٿي تہ ائين ڪرڻ ڪري اسان ٻنهي سان بي انصافي ٿيندي.

نہ من! شادي ڪرڻ کان زندگي جو هيڏو سارو آفت جهڙو معاشي مسئلو درپيش اچي ٿو. تو ۽ مان اجا پڙهڻ ختم نہ ڪيو آهي. ان کان پوءِ نوڪري، تو ۽ منهنجي طبقي لاءِ پل صراط کان وڌ مشڪل مسئلو آهي، ٻار ٿيندا، انهن جي پرورش، تعليم ۽ ترويج، اسان کي ايتري ويسند ڪاٽي ڏيندي تہ اسان نظام کي ڈاهڻ جهڙو جوکم وارو ڪم اڳتي وڌائي سگهون“. موهڻيءَ سوڍي جي اکين ۾ اکيون وجهي چوندي رهي، هن جي اکين مان آڳ جا الا نڪري رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ موهڻي! تون پليل آهين، ڪو بہ انقلابي ڪم ذهني سڪون ڪانسواءِ ڪري نہ ٿو سگهجي. ذهني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنجي ۽ منهنجي شادي ضروري آهي“.

”فرسٽريشن کي ختم ڪرڻ جو هي طريقو فراريت آهي چريائي آهي، طريقو “Remedy of Melancholy with Madness” ٿيندو. تو ۽ مون جهڙا اهڙيءَ ٿي ذهني پريشاني جي حالت ۾ شراب پيئندا آهن، سڪون ڳوليندي ڳوليندي هپي ٿيندا آهن، زندگيءَ کي ترڪ ڪندا آهن“.

”پر توکي خبر آ، هپي ازم زندگي جي اڏيهي ڪاڌل قدرن خلاف احتجاج آهي، موهڻي“. سوڍي پنهنجو دليل ڏيندي چيو.

”مان قبول ٿي ڪريان تہ هي احتجاج آهي پر احتجاج جا بہ ڪيترائي قسم آهن. دشمن خلاف احتجاج ڪندي ڪو ماٺهو پاڻ کي ماري ڦٽو ڪري اهو احتجاج ناهي پر اڻ سڌي طرح دشمن جي بقا جي حمايت آهي، دشمن کي نابود ڪرڻ دشمن خلاف سڀ کان وڏو احتجاج آهي جنهن کي انقلاب چون ٿا“. موهڻي جواب ڏنو.

سوڍي ڳيت ڏيندي وري بہ دهرائيندي چيو: پر تون شاديءَ جي خلاف ڇو آهين؟

”مان شاديءَ جي خلاف ناهيان پر مون کي خبر آهي تہ تنهنجي پيءُ ۽ منهنجي پيءُ بہ شادي ڪري ورتي هئي، سنڌ ۾ جاڳي جم ڪان وٺي ٻارن جا نالا هڪ ٻئي تي رکيا ويندا آهن، جنهن پراڻي نظام ڪان اسان ڪڪ آهيون ان ۾ پيار بہ ٿيندو آهي ۽ البت تمام سختي سان، ٻهراڙي ۾ خاص ڪري جتي پردي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت رواج ھوندو آھي اتي پيار وڏيڪ زور سان سوڍا جي بوتل وانگي ڦاٽندو آھي. ايتري قدر جو اونداھي راتين جو شريفن جي گھرن جون پردي پوش ڪنواريون مرداڻا لباس ڍڪي ڪھاڙيون ڪلھن تي رکي پنھنجن سينڌن سان ملڻ ويندڻيون آھن. اھي سڀ پراڻيون ڳالھيون آھن، انھن سيني جذبن سان روايتون نه ٽيون ٽٽن. تون ۽ مان به شادي ڪريون، سياڻي ٻار ٿين ۽ ٿئين ڏينھن ساڳا ڪنا ساڳ جا. زندگي ۾ پناھه جي ڳولا اھو نٽي سيڪاري." موھڻي اھو سڀ ڪجھه چئي اکيون ڦوٽاري سوڍي ڏي ڏسڻ لڳي.

ڪئمپس جي پسگردائي ھينئر اونده جي اوٽ ۾ ويڙھجي وئي ھئي. سوڍو ۽ موھڻي پٽر جي چپ تان اٿي ھاسٽل ڏي ھلڻ لڳا، ھو اڪثر ڪري شام جو ھاسٽل مان نڪري ھتي اچي ويھندا ھئا ۽ پنھنجي پنٽي پيل قوم جي مختلف سماجي، سياسي، مذھبي ۽ طبقاتي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ھئا. موھڻي، يونيورسٽي جي ٻين ڇوڪرين وانگي رڳو فيشن ايبل، نازڪ بدن ۽ چلولي ڪا نه ھوندي ھئي. ھن جي زندگي ڪنھن مقصد ڪاڻ ھوندي ھئي، موھڻي ڪي سنڌ اندر سماجي حالتن ۽ خاص ڪري عورتن سان ٿيندڙ ظلمن جو پورو پورو قدر ھو. ھوءَ آئيڊيلسٽ ڇوڪري ھئي.

سوڍو به سنڌ جي ھيٺين وچولي طبقي جي مصيبت جھڙي زندگي کان واقف ھو. ھو جڏھن سنڌ تي سوچيندو ھو ته سندس پيءُ جي زندگي ھن جي آڏو ابتي سبتي ڦرڻ لڳندي ھئي، پوءِ جڏھن ھو ھيٺين وچولي طبقي کان لھي پورھيت طبقي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيندو هو تہ هن جو ذهن چڪر ڪائڻ لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو اهڙي اندر جي آنڌمانڌ کي اجهائڻ لاءِ وسڪيءَ جي وٽي جو بہ سهارو وٺندو هو. شايد ان ڪري جو هو موهٽيءَ کان وڌيڪ حساس طبع هوندو هو.

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ميس ۾ چهل پهل لڳي پئي هئي، ميس رنگارنگي بلبن سان روشن هئي، شاگرد ۽ شاگردياڻيون ريفريشمينٽ جي لاءِ ٽولا ٽولا ٿيون ويٺا هئا. موهٽي ۽ سوڍو بہ اچي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا. بيرو چانهن کڻي آيو. موهٽيءَ سوڍي ڏي منهن ڪري ”مي آءِ سروِ“ چئي چانهن ناهڻ شروع ڪئي. سنڌس چپن تي سنهڙي سنهڙي مرڪ هئي.

”سائين! توهان کي ڪجهہ مائينڊ تہ نہ ٿيو آهي؟“ موهٽي اکيون مٿي کڻي چيو.

سوڍي کلندي وراڻيو ”نہ نہ. اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، بهرحال مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ سنڌ ۾ عورت جيئن تہ پيڙهين کان پيڙجندي رهي آهي، ان ڪري اسان جي جديد پڙهيل ڇوڪرين ۾ مردن لاءِ لاشعوري طور تي نفرت پرجي وئي آهي، خبر نہ آهي تہ مان ڪيتري قدر صحيح يا غلط آهيان“.

”ان لاءِ منهنجو شخصي طور تي هي خيال آهي“، موهٽي چانهہ ٺاهيندي چيو ”تہ عورت جي حقن جي حامي ماڻهن جا هن ڏس ۾ مختلف نظريا آهن. جيتوڻيڪ عورت جي آزادي Emancipation لاءِ سڀ متفق آهن، پر هڪڙا ماڻهو هن کي آمريڪا واري آزادي ڏيڻ گهرن ٿا. جتي عورت کي آزاد ۽ ڇڙواڳ ان ڪري ڪيو ويجي ٿو تہ جيئن هوءَ مرد جي عيش جو بهترين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوزار ٻڌجي سگهي. باقي هن کي ملڪي حڪومتي معاملن ۾ تي سيڪڙو بہ نمائندگي ڪانهي. بيا ماڻهو سنڌي عورت کي سنڌي مرد خلاف ڀڙڪائيندي هن ۾ نفرت پرين ٿا ۽ چون ٿا تہ سنڌ ۾ عورت تي سمورو ظلم مرد ڪري ٿو. جنهن ڪري خانداني سڪون کي هيڏو سارو ڇيهو رسي ٿو. پر منهنجو خيال اهو آهي تہ عورت يا مرد جي مڙني حقن جو پرمار استحصالي نظام آهي، جنهن ڪري عورت اقتصادي غلامي جو شڪار رهي آهي".

گرم چانهن جو ڪوسو ڍڪ پريندي سوڍي چيو:

"ڇا پردو توکي مسئلو نظر نہ ٿو اچي؟"

موهڻيءَ ڪوپ ميز تي رکندي چيو:

"وڏن شهرن ۾ رهندڙ پڙهيل اعليٰ طبقي جي ڪيترن سنڌين کي خبر ئي ڪانهي تہ سنڌي عورت جي اڪثريت بي پردي رهي ٿي، سنڌ جو اڪثر عوام ٻهراڙين ۾ رهي ٿو ۽ ڪيتي جو ڪم ڪري ٿو. ڪين انگ ڍڪڻ لاءِ ضروري ڪپڙو بہ ڪو نہ ٿو ملي، هو چادري ڇا مان نهرائين؟ ان ڪانسواءِ سنڌي هارياڻي يا پورهيو ڪندڙ عورت پنهنجي مڙس هاري سان ٻني ۾ ڪم ڪندي آهي. ماني ڪٽي ويندي آهي. ٻارڻ وائريندي آهي، گاهہ ڪندي آهي، ڦٽيون پٽيندي آهي ۽ جنڊ پيهندي آهي، جيڪڏهن پردو ئي رڳو مسئلو هجي تہ پوءِ انهن عورتن کي توهان آزاد سڏي سگهو ٿا، پر ائين ناهي، دنيا جي سڌريل عورت جي ڀيٽ ۾ هو تمام پٺتي پيل آهن".

"تنهن جي معنيٰ تہ تون اڻ سڌي طرح پردي جي حمايت ٿي ڪرين؟ ۽ عورتن کي ڪوٺن ۾ بند رکڻ کي پسند ٿي ڪرين؟".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ سوڍا! مان پردي جي مخالف آهيان، مان عورت ۽ مرد کي هڪجهڙو سمجهندي آهيان، پر منهنجو مقصد آهي تہ پيٽ پرڻ کان اڳ پردي لاهڻ جي جدوجهد مان ڪو هڙ حاصل نہ ٿو ٿئي. عورت کي بکيو پيٽ اگهاڙو بہ ڪري وجهي ٿو. بنيادي مسئلو آهي مساوي معاشي نظام. جيڪڏهن اهو نظام اچي وڃي تہ هر فرسوده سوچ کي پنجوا اچي ويندو ۽ جيئن تہ ان نظام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عورتن ۽ مردن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. ان ڪري هي سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. عورت ۽ مرد لاءِ لياقتن آهر ڪم ۽ ڪم آهر اجورو هوندو. جڏهن ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ مٿان ظلم ختم ٿيندو تڏهن عورت مٿان مرد جي هر فوقيت بہ ختم ٿي ويندي، ان ڪري ضروري آهي تہ عورت ۽ مرد کي پاڻ ۾ نہ ويڙهائجي، پر انهن کي اهڙي سکيا ڏجي تہ سڀ انقلابي قوتون عورتون ۽ مرد متحد ٿي وڃن ۽ اقتصادي غلامي جو خاتمو آڻين.“

ميس ۾ موجود شاگرد ۽ شاگردياڻيون هميشہ وانگي هنن ٻنهي کي ڳوڙهي بحث ڪندي ڏسي کلي رهيا هئا. هو سمجهندا هئا تہ موهڻي ۽ سوڍو ڪريڪ آهن ۽ پوليٽيڪل سائنس جا شاگرد هوڻئن بہ مٿي خراب ٿيندا آهن، هنن جو خيال هوندو هو تہ موهڻي ۽ سوڍو شادي تہ ضرور ڪندا پر هنن جي شاديءَ ۾ عشق گهٽ ۽ فلسفو وڌيڪ هوندو.

موهڻي ۽ سوڍو. پسگردائي کان بي نياز پنهنجي قومي مسئلن تي سنجيدگي سان سوچي ۽ ڳالهائي رهيا هئا. هو ٻئي پاڻ کي سنڌ جي باشعور طبقي جا ذميوار فرد تسليم ڪندا هئا ۽ يونيورسٽي ۾ حاصل ڪيل اعليٰ تعليم جي مدد سان سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهراڙين ڪي ويهين صدي جي فني ۽ سائنسي ترقيءَ سان سينگارڻ جا سندر سپنا ڏسندا هئا.

موهڻي ڇوڪري هئي ۽ سوڍو ڇوڪرو هو. جڏهن هو گڏ ويهندا هئا تہ محسوس ٿي نہ سگهندو هو تہ ڪير ڪنهن جي ڪمزوري آهي. عشق کي هو پيٽ ڀرئو جي اوڳرائين کان وڌيڪ ڪجھ ڪو نہ سمجهندا هئا.جنسيت کي هو انساني فطرت جو هڪ اهم پهلو سمجهندا هئا جنهن کي مذهب ۾ گناهہ سمجهي دٻائي مسئلي جو روپ ڏيڻ کي بنيادي مسئلن کان ڌيان ڦيرائڻ جي سامراجي چال سمجهندا هئا.

يونيورسٽي جا ٻيا شاگرد ۽ شاگرديائيون "دم مارو دم" ڳائي ٽوسٽ ڪري رهيا هئا ۽ هي ٻئي "نيٺ تہ ٻهندي، ڪيسين رهندي، دوکي جي ديوار اويار" واري ڌن جهونگاري رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرباني جي ٻڪري

قاپل اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ هئي تہ هن جو سڱ وڏيري مينهين سان ڪيو ويو هو. چون ٿا تہ قاپل جي پيءُ ڪان وڏيري وڏي هڪ سڱ لڌو هو، قاپل ڄائي تہ وڏيرو مينهون ستن سالن جو هو ۽ جلد جيئري ئي پٽس پنهنجي پڳ ٻڌرائي هئس.

فطرت پنهنجي جهول ۾ ڪيئي املهہ ماڻڪ پالي ٿي. ڪيئي جيو وڏا ٿين ٿا، اميدون اپرن ٿيون، خواب لهجن ٿا ۽ خيالي محل جڙن ٿا. هر ڪو بار بار ٿيندو آهي، هن کي نہ غربت جو احساس هوندو آهي ۽ نہ شاهوڪاريءَ جي چاهت. ان آزاد ٿيءَ ۾ قاپل پنهنجي ليکي هڪ شاهڪار هئي. پر تہ هوءَ هڪ غريب جي ڌيءُ سڏائيندي هئي، هن اڃا انگ ئي نہ مٽايا هئا تہ هن جي شادي وڏيري وڏي جي پڳدار پٽ مينهين سان ڪرائي وئي، پهرينءَ رات هن مڙس کي ”ادو مينهون“ ڪوٺيو هو.

دنيا جي سيني وڏيرن وانگي مينهون بہ ناٽي جي نشي ۾ ڪڪڙ ويڙهائيندو هو، هارين جي پيدا ڪيل ڪٽڪ مان ڪمايل پئسا وڏن وڏن داون ۾ لڳائيندو هو، تر جون ۽ ٻاهر جون ڪچريون هن جو سلام پرڻ ايندڙون هيون، جتي روپئي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورت هوندي هئي اتي هو ڏهہ ڏيندو هو. ملان هن کي سخي ۽ فقير مولائي ڪوٺيندا هئا. هن هڪ سال هارين تي حساب ڪتاب کان پوءِ هڪ هڪ وڏيڪ ڳوڻ مڙهي ڳوٺ ۾ هڪ عظيم الشان مسجد بہ ٺهرائي هئي. ڳوٺ جي فقراهہ کي مڪان لاءِ هڪ ڪورو پچرائي ڏنو ۽ چرس پيئڻ جي اختياريءَ وارن کان اجازت وٺي ڏني.

ڳوٺ وارا چوندا هئا تہ اسان جو وڏيرو اسان جو پرجهلو آهي، هو خوش ۽ مضبوط تہ جڻ اسان خوش، چو تہ يا ٿجي پاڻ مڙس ماڻهو يا ويهجي مڙس جي پر ۾. هن کي نوڪري چاڪريءَ جي ضرورت ڪا نہ هئي ان ڪري اسڪول جو منهن ڪو نہ ڏٺو هئائين.

هڪڙي پيري ٽاڻي جو صوبيدار وٽس گهري آيو ۽ چيائينس تہ حڪومت ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ جي سلسلي ۾ توهان جي مدد جي محتاج آهي. اهو توهان جو قومي فرض آهي تہ توهان ان معاملي ۾ اسان جو هٿ ونڊايو. ان کان پوءِ چوندي چوندي اشرافن ماڻهن جا 109 ۽ 110 ۾ نالا ڏنا هئائين جن ۾ شهر جو ماستر بہ شامل هو.

قاپل کي شاديءَ جون مبارڪون مليون. هوءَ غريب عورت هئي، هن هيڏو ناٽو، هشمت ۽ ساک ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪا نہ ٻڌي هئي، ٿورڙي ئي وقت ۾ هن مڙس کي قبوليو ۽ پنهنجي جواني نذر ڪئي.

سال کان پوءِ هنن کي هڪ ڌيءُ ڄائي، قاپل کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ وڏيري مينهين ٻيءَ شاديءَ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو. چئي "هيءَ نياڳي زال آهي جنهن مان پهريون بار ئي ڌيءُ ڄائي آهي"، قاپل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر پنهنجو هار سينگار ڇڏي پنهنجي جگر جي ٽڪري کي ڏاهڻ شروع ڪيو.

وڏيري پنهنجي ڪاٽڪن ۽ پاڻاريدارن سنگتين سان ٻي شاديءَ جي صلاح ڪئي. جن چيو تہ ”سائين توهان کي الله گنج ڏنو آهي، اسلام چئن شادين ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. توهان حڪم ڪيو تہ اسان توهان لاءِ حور بہ هٿ ڪري سگهون ٿا“.

انهن مان هڪ موٽيل مڙس صلاح ڏيندي وڏيري کي چيو ”پوتار! جي، منهنجي ٻڌو تہ چو ٿا جنجل ۾ پئو. شادي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت، ملڪ پڪو پيو آهي، حڪم ڪيو تہ اسان توهان وٽ وڻ وڻ جي ڪاني پيش ڪنداسون“. وڏيري کي هيءَ صلاح وڻي.

ان کان پوءِ وڏيرو هڪ پلو مَهري پلاٽي روالور سٽر سان ٻڌي ڪچي جي ڪانهن مان رات جو هڪ هاريءَ جي گهر ۾ گهڙي ويندو هو. سندس بہ سنگتي در تي بيهندا هئا، پرهہ ڦٽيءَ جو جنهن مهل موٽندو هو تہ سنگتي چوندا هئس تہ ”سائين توهان جو عشق بہ هڪ عبادت آهي“. تنهن تي هو ڪين شاهہ جو سر راڻو ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو تہ ”منهنجو مهري بہ اهو ساڳيو چانگو اٺو ۽ مان ڪاڪ ڏٽي. شاهہ جي سر راڻي جو روحاني راز پڙهي ڏسو تہ توهان کي خبر پوندي تہ منهنجو عشق عبادت آهي“.

ڦاپل جي من جو ڪنول جو اجا ڦٽو ئي مس هيو، سو ڪومائجڻ لڳو. جڏهن کان وڏيري ٻي شاديءَ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو هيو تڏهن کان هن کي ٻيو بہ بار ٿي پيو هو ۽ هن کي ان ڏينهن هڪ صحيح صدمو رسيو هيو جڏهن هن ڏٺو تہ هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ ڄائو ۽ مڙس ڪا بہ دلچسپي نہ ورتي. هن کي پٽ ڪو سولو ڪو نہ ڄائو هو. هن سڄيءَ سنڌ جا پير پيتيا هئا، چاڪاڻ جو هن کي پڪ هئي تہ مڙس تڏهن ئي منهن ڏيندو، جڏهن هن کي پٽ ڄڻي ڏيندي.

ڦاپل پنهنجي ئي ذات مان پر هڪ هاريءَ جي ڌيءُ هئي، هوءَ نيٺ انسان هئي، هن سڙي سڙي نيٺ هڪ ڏينهن اباڪ ڪاڏو، اندر ۾ ڪڙهندڙ سندس من ڦاٽ ڪاڏو، هن پنهنجي جذبات جي خون جو انصاف چاهيو ۽ وڏيري هن کي بي عزتو ڪري ٻارن سوڌو گهر مان ڪڍي ڇڏيو.

پيءُ جي گهر ۾ هن هٿ جو پورهيو شروع ڪيو، ٻارڙن لاءِ لٽو ڪپڙو ۽ شيءِ شڳل جو پورائو ڪندي ايندي هئي، رات جو ڪڏهن ڪڏهن هن کي ننڊ نہ ايندي هئي، هوءَ پاسا اٿلائي رات گذاريندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن هن کي خيال ايندو هو تہ جيڪر هوءَ مڙس کان بدلو وٺي. هوءَ ڪو بيو سهو ڪري مڙس کي گلارو ڪري پر پوءِ پنهنجي ۽ پنهنجي پيءُ جي عزت کي ڏسي زهر جو ڍڪ پري ويندي هئي. هڪ دفعي هن ماءُ کان ان ملان جو پڇيو جنهن هن جو نڪاح پڙهيو هيو. ماڻس ٻڌايس تہ ”امان! جنهن رات تنهنجو نڪاح پيو پئي اتي تنهنجو ماموءِ ڳوٺ جو ماستر بہ موجود هيو، هن چيو هيو تہ سرڪاري قانون مطابق نڪاح جائز ناهي ڇاڪاڻ جو ڇوڪريءَ جي عمر گهٽ آهي“.

”تہ پوءِ نڪاح ڇو پيو هو امان!“

”ڌيءُ، ملان نڪاح في ڪانسواءِ ڳوڻ ڪٽڪ جي بہ ورتيءَ نڪاح پڙهيو هيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هون“ ڏيڏس ڳيت ڏيندي چيو
”امان! منهنجو اهو مامو هاڻي ڪٿي آهي؟“
”ڏيءَ تڏهانڪر جيل ۾ آهي، هڪڙو قلم لاهي پيو تا چاڙهنس“.

هڪ عورت جي حيثيت ۾ قاپل کي ايتريءَ پڇا ڳاڇا جي به اجازت ڪا نه هئي، ماڻس ڳالھ نتائي اٿي وئي ۽ هيءَ ڪجھ سوچي رهي هئي.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ وڏيري مينهين پنهنجي پٽ کي مسلمان ڪرڻ جو پروگرام ناهيو. طهر جي تٽ ٻڌي، سهرا شروع ٿي ويا. پلا وڏيري جو پٽ. وڏو گڙنگ وهانو ٿيو. وڏيري جو گهر خوشين ۽ شادمانين سان جرڪي رهيو هو. ڪيريون پئي نچيون ۽ ٻڪريون پئي ڪنيون. دهل شرنائين ڳوٺ کي مٿي تي کڻي وڌو هو. وڏيري جو پٽ هڪ وڏي پلنگ تي وهاڻن سان ٽيڪ ڏيون وينو هو ۽ هن جي هٿن پيرن کي مينڌي لڳل هئي، مٿي تي موڙ ٻڌل هئس، هڪ ننڍڙو گهوٽ لڳي رهيو هو. وڏيرو مينهون خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي، خير خيرات ۽ نياڻين سياڻين کي ججهو پيو ملي.

هتي قاپل، گهوٽ جي ماءُ پنهنجي پٽ جي جيئري اميد ڏسي نه پئي سگهي. هن جي آنڊن ۾ ولهوٽ هئا، دهلن ۽ شرنائين جي آوازن تي هن جو اندر جهري رهيو هو. هن اوچنگارون ڏنيون، رڙيون ڪيون ۽ واويلا مچايا پر ڪنهن ڪين ٻڌس. هوءَ گهر مان تڙيل هڪ ڪمزور عورت هئي. سڄي ڳوٺ جون عورتون وڏيري جي گهر ۾ جمع ٿيل هيون، هن گهر ۾ صرف قاپل ويٺي هئي ۽ ان جي پر ۾ هن جي ڏاريل هڪ ٻلي. هن ڳوڙها اگهيا ۽ سڏڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريندي اٿي وئي، مانيءَ ٽڪر ڪٽي اڇي ٻليءَ کي وڌائين پر ٻليءَ نہ کاڌو.

ڳوٺ جي ڪجھ ماڻھن گھوٽ جي ماءُ بابت سوچيو ھو ميڙ ڪري وڏيري ميِنھين ڏي ويا جنھن ڪتو جواب ڏنن، چئي" ھوءَ منھنجي زال ٿي ناھي". نااميد ٿي موٽي آيا ۽ طھر ٿي ويو.

وڏيرو شاھہ جي راڻي وانگي، ٻلي مھريءَ تي چڙھي پنھنجي ڌن دولت ۽ ھشمت آزمائڻ لاءِ ان ھاريءَ جي ڌيءَ ڏانھن ويندو ھو جيڪو مجبور ٿي لڏو پٽي اڇي پڪي تي وينو ھو، وڏيرو اتي بہ پھچي ويندو ھو. ھاري غريب سنڌي مسلمان ھو ۽ وڏيرو شاھوڪار سنڌي مسلمان، ڪيترائي پيرا ھاريءَ قرآن شريف کڻي آڻي وڏيري جي جھول ۾ وڌو پر وڏيرو نہ مڙيو. زندگيءَ ۾ جيئڻ ڏاڍو منو آھي، جيئڻ ڪارڻ ماڻھو وڏي ڪس بہ ڪائيندو آھي. غريب ھاريءَ سمجھيو تہ جي ٻڙڪ ڪيندس تہ وڏيرو منھنجو انت آڻي وجھندو ان ڪري مِٽي بہ ماٺ مُٺي بہ ماٺ.

زمانو اوڳي اٺ وانگي ھلندو رھي ٿو، خبر ناھي ڪاڏي حالتون ڦيرو کائينديون آھن، جنم جنم جا ماڻھو پنھنجي لاءِ جدا جدا سوچون رکندا آھن، پوري انساني تاريخ ارتقا جي اصول مطابق ھڪ ھنڌ نہ ٿي بيھي. ھيءَ دنيا ڦري ٿي، قومون تبديليءَ جي چريءَ کان بچي نہ ٿيون سگھن. ملڪن ۾ ڦيرگير ٿئي ٿي. حڪومتون ھڪڙيون اينديون ٻيون وينديون آھن پر ڦيرگھير شل غريب جي حق لاءِ ٿئي. اميرن لاءِ روزانو پيون ڪرسيون خالي ٿين ۽ ڀرجن.

حڪومت جي اوچتي تبديل ٿيڻ ڪري وڏيري ميِنھين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انت اچڻ لڳو. تہ جي هڪ ٻئي وڏيري کي حڪومت همٿائي هن جي خلاف بيهاريو. اڄ وڏيري مينهين کان سالن جا پلئہ ٿي چڪايا ويا. هن جا خوشامدڙيا سڀ ٻڏجي چڪا هئا.مٿ ماٿ جيل ۾، ڏيگا ڏور هڪڙا ڏڪ ۾ ٻيا نئين وڏيري جي اوطاق ۾. اڄ مينهين خان جو هڪ چونڊيل حڪومت سان ٽڪر هو. سندس حريف وڏيري پوليس جي مدد سان هن کي قلم 110 جي هيٺ جيل اماڻڻ جو انتظام ڪيو.

پوليس جي ترڪ ڳوٺ ۾ اچي لٿي، مينهين جي پڇا ڪيائون، هو فرار هو. پوليس وارا جيڪي ڪالهہ هن جي در جي ٽڪر تي پلبا هئا سي اڄ هن کي اگهاڙيون گاريون ڏئي رهيا هئا! جوابدار نہ ملڻ جي صورت ۾ پوليس فيصلو ڪيو تہ ڪو سخت قدم کنيو وڃي. هنن چيو تہ مينهون حاضر ٿئي نہ تہ اسان هن جا ننگ ڪڍنداسون. سنڌي قوم ٻنين ۽ ونين لاءِ سر ڏيندي آهي پر وڏيرو اهو ٻڌي نہ موٽيو. نيٺ پوليس فيصلو ڪيو تہ اسان ٻي صورت ۾ وڏيري جي گهر ۾ گهڙنداسون.

اڄ قاپل پوليس ٿاڻي تي هيٺ ڪنڌ ڪيون ويٺي هئي، هوءَ پوليس جون واهيات گاريون ٻڌي رهي هئي، صوبيدار چئي رهيو هو: ”تنهنجو مڙس جوابدار آهي، جي هو هتي نہ تو پاڻ حوالي ڪري تہ اسان توکي بيعزتو ڪنداسون.“

”مان هن جي زال نہ آهيان، صاحب! هن مون کي ٽن سالن کان گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. نہ هو مون کي ڪمائي ڏيندو آهي ۽ نہ منهنجي سار سنڀال لهندو آهي، هن چئي ڇڏيو آهي تہ هيءَ منهنجي زال ناهي، مان هن جي زال نہ رهي آهيان.“ قاپل احتجاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو.

”صبر ڪر لونڊي، شهر جو معزز ۽ بزرگ مولوي جنهن توهان جو نڪاح پڙهيو آهي، اهو شاهد آهي تہ تون مينهين جي زال آهين.“

قاپل جون لونڊڙيون ڏوڙَ لڳيون ۽ دل ٻڏندي وئي، هن ڏٺو تہ شهر جا سڀ معزز مولويءَ صاحب سميت خاموش بيٺا هئا. قاپل پاڻ کي قربانيءَ جي ٻڪري محسوس ڪري رهي هئي، پوليس قاپل جا وار پٽي رهي هئي ۽ هن کي ڏونڊاڙي ڏونڊاڙي ماري رهي هئي.....

اوچتو چيتي وانگي ٻليءَ ٽپو ڏنو ۽ صوبيدار جو منهن رانيوٽي سان رتوواهہ ٿي ويو. هڪ سپاهيءَ ڏڪ هڻي ٻليءَ کي ماري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيل جو سماج ۾ ڪردار

جيل هڪ اهڙي جڳهه آهي، جتي ڪوڙو به سچو، ڏوهي به بي ڏوهي ۽ ٺڳ به وفادار ٿيو وڃي. ان جو سبب اهو آهي ته ماحول هڪ آهي: سڀ مجرم، سڀ قيدي ۽ پائر ليڪيا ويندا آهن. پيو ته سچ چوڻ لاءِ جرئت گهرجي، جا هت موجود آهي، ڇاڪاڻ جو سزا لڳڻ کان پوءِ ڪو به ڪو نه ٿو ڏجي. ان ڪري هر ڪو قيدي سچ ڳالهائيندو آهي. سڀ کان وڏيڪ جا ڳالهه جرم لاءِ مجبور ڪري ٿي سا آهي پيٽ جي ڳڻتي. هت ڪنهن کي به بک ڪانهي. افسوس اهو آهي جو ٻاهر ته ٺهيو پر جيل ۾ به اونچ نيچ واري سرمائيدارانه چال اي، بي ۽ سي ڪلاس آهن ۽ سي ڪلاس وارا اي ڪلاس وارن جي خدمت ڪن ٿا. مثال موجود آهي تنهن هوندي به سي ڪلاس ۾ هر ڪنهن کي بنا فڪر جي هڪ ٿي بورچيخاني مان هڪ جهڙو کاڌو ملي ٿو. لٽو به مضبوط ۽ صاف ملي ٿو ۽ اجهو به مضبوط ۽ هر خطري کان بچيل آهي. ٻاهران ته هر ڪو ماڻهو سمجهي ٿو ته اي ڪلاس جا هي قيدي ڪي وڏا ماڻهو آهن پر جي مان هن جيل جي ڪوٺيءَ جي پنهنجي اباڻي گهر سان ڀيٽ ڪريان ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته مان ته بهشت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. اسان جي ڪڪائين گهر جو ورو ٽڙڪيل آهي، جنهن ڪي بابي ۽ مان هڪ ٽوٽي ڏني هئي. طوفان يا زوردار مينهن وسندو آهي تہ گهر سڄو جهولندو آهي ۽ ان وقت مون کي اهو سوچڻو پوندو آهي تہ هن سماج ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو انتظام هجي تہ اسان کان سرڪار جيترو ڪم وٺيس سو وٺي ۽ اسان کي پڪو گهر، ڪاڏو ۽ لٽا ڏئي. مون کي خبر آهي تہ بابو ۽ اسان چارئي ڀائر ڪم ڪندا آهيون. بابي جي عمر 70 سال آهي، هو ڪم ڪندي پنهنجي مضبوط مشڪن کي ڍلو ڏسي رهيو آهي. هن جي جوانيءَ جي سوٽ ڳتن تي اڄ گهنج پئجي ويا آهن.اهو عرصو هن لٽن سبڻ واريءَ مشن کي هلائي گذاريو آهي، منهنجي ماءُ بہ هن سان ان ڪم ۾ ساٿ ڏنو آهي. اڄ ڪلهہ تہ منهنجو هڪ ڀاءُ ڊاڪٽر بہ ٿيو آهي، پر تنهن هوندي بہ باوجود ان جي تہ ڪو اسان مان جوا، رنڊي بازي يا گويون ڪو نہ پڄائيندو آهي، اسان گهر جو ڀڳل ورو مٽائي نہ سگهيا آهيون. ڀاتي وڌندا ٿا وڃن ۽ نئين نسل کي تعليم ڏيارڻ تي تمام گهڻو خرچ ٿي رهيو آهي. مان جڏهن جيل جي هن عظيم ڪوٺيءَ (هن ڪوٺيءَ کي عظيم ان ڪري چوان ٿو جو ان مون کي پنهنجي پورهيت عوام لاءِ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هٿي ڏني آهي) جي درن ڏي ڏسان ٿو تڏهن مون کي پنهنجي گهر جو نقشو ياد اچي ٿو، جو مون ڇهن مهينن کان نہ ڏٺو آهي. ان ۾ در ڪونهن ۽ منڙي پر تلخ سنڌ جون تمام تڏيون ۽ تمام ڪوسيون هوائون منهنجي ننڍڙن ٽن ٻارن کي پريشان ڪنديون آهن. سياري جو مان پنهنجي پٽ کي پاڻ سان سمهاري هن کي پنهنجي جسم سان ڍڪيندو آهيان ۽ پنهنجي جسم کي سوڙ سان. مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي منهنجي سوڙ بہ نہ ٿي وسري جا گهر جي سيني ٻاتين جي سوڙين ڪان ساڃي ۽ سٺي هوندي آهي (ڇاڪاڻ جو مان گهر جو ڪمائيندڙ ماڻهو هوس). ان ۾ پراڻي ڪپهہ متيءَ سان ملي ڳوڙها ڳوڙها ٿي وئي هئي ۽ وٽين مان سياري جي ٿڌي لُهري برابر مون تائين پهچي ويندي آهي. سو مون پئي سوچيو تہ هت جيل ۾ جي ماڻهو رهن ٿا سي بي باڪ، سچا، وفادار ۽ محنت ڪش آهن. ٻاهران هو جرم ڪري آيا آهن، اهو جرم هنن کان اسان جي ڪوڙهيي سماج ڪرايو آهي، ان ڪري مان محسوس ڪريان ٿو تہ جي اسان جو سماج ٻيو تہ نہ پر گهٽ ۾ گهٽ هن جيل وانگي ٿي وڃي تہ شايد ڏوهن جو خاتمو ٿي ويندو، ڇاڪاڻ تہ هو سڄو ڏينهن هت وانگي ڪم ڪندا ۽ هنن کي بي فڪر ماني، اجهو ۽ لٽو ملندو. تنهن جي معنيٰ تہ اسان جي سرمائيدارانہ حڪومت اهو نہ ٿي چاهي تہ سماج مان ڏوهہ ختم ٿين، ڇاڪاڻ جو جي ڏوهہ ختم ٿي ويا تہ هن جي چاڙتن کي رشوت ڪير ڏيندو ۽ سرمايو ڪيئن نهندو، ٻيو تہ عوامي اتحاد ۽ عوامي ايار کي ڀسم ڪرڻ جو واحد طريقو آهي، عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ انهن ۾ سماجي خرابيون پيدا ڪرڻ. مزيدار ڳالهہ تہ اها آهي تہ جڏهن ملڪ ۾ قتل عام ٿي رهيو آهي ۽ ست ڪروڙ ماڻهو ٻري رهيا آهن ان وقت هن صوبي ۾ اخبارن ۾ جن مسئلن تي بحث ٿئي ٿو سي آهن "پاڪستاني فلمن ۾ چميءَ ڏيڻ جو رواج وجهجي يا نہ ۽ بلو فلمن جا اشتهار، اهي سڀ سرمائيدارانا سازشون آهن تہ جيئن عوام جو خيال مٽايو وڃي."

رهيو سوال تہ هت جيل ۾ ڏوهہ ڇو ٿا ٿين؟ اهو درست آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت ڏوهہ ٿين ٿا پر تمام گهٽ، پر جيڪي ٿين ٿا اهي ڏوهہ سياسي آهن. قيدين کي خراب خوراڪ ملڻ ڪري شڪايت آهي، هو آفيسرن کي ٻڌائين ٿا ۽ هو جڏهن ان جو ڪو بہ حل پيش نہ ٿا ڪري سگهن تہ پوءِ هو احتجاج ڪن ٿا جا آهي بک هڙتال. درحقيقت هنن کي پورو پورو حق آهي تہ هو جيڪو پيدا ڪن ٿا يا جيڪو ڪم ڪن ٿا ان جو فائدو وٺن. اڻين نہ ٿئي تہ فيڪٽري مان سنو لٽو سپرنٽينڊنٽ جي گهر وڃي ۽ قيدي ڪانڊي پائن. باقي مجرمانا ذهنيت هت موجود ڪانهي جيتوڻيڪ هي نام نهاد مجرمن جي رهڻ جي جاءِ آهي.

هتي قيدين جا گهڻا قسم آهن، هڪڙا ڏوهي بک وگهي ڏوهہ ڪري آيا آهن، ٻيا ڪوڙين رسمن ۽ ڪوڙهين رواجن جو شڪار ٿي آيا آهن (ڪارو ڪاريءَ جا ڪيس) ۽ ٽيان تعليم نہ ملڻ ڪري ۽ جاهل هجڻ ڪري (بي ارادي ڏوهہ جا) ڏوهي آهن. ڏوهين جو هڪ ٻيو قسم بہ آهي، ان قسم جا ڏوهي ڏوهہ کي ختم ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڏوهي قرار ڏنا ويا آهن. انهن سماج جي جوڙجڪ جي هڪ انوکي نموني لاءِ ڪم ڪيو آهي. اهڙو نمونو جنهن ۾ ڏوهہ نہ ٿين، جنهن ۾ بک نہ هجي، جنهن ۾ ڪنهن اشراف جو ڪنوارو پاءُ اگهاڙو نہ ٿئي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي متي ڇانو هجي، جنهن ۾ پورهيت ۽ هاريءَ جي خون مان محلاتون نہ جڙن، جنهن ۾ گوڏير هاريءَ جي پگهر جي پورهيي کي ڳڙڪائي وڏيرو اشرافن جا ننگ نہ ڍڪي ۽ جنهن ۾ سڪيلڏن ٻچڙن کي ارهہ ۾ گولي نہ لڳي. اهي ڏوهي ان پوليس واري لاءِ بہ ڪم ڪن ٿا جو هنن کي هٿڪڙيون هڻي گهلي رهيو آهي، اهي انهن جاسوسن جي پگهار وڌائڻ لاءِ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڙقن ٿا جي هنن کي ڪميونسٽ لکي سزا ۾ اينگهہ ڪرائن ٿا. اهي قيدي مون ۾ سيني کان خوش ڏٺا. هنن جي پيشاني مان فخر ڏٺم ۽ انهن وٽ پڇتاءُ ڪو نہ هيو. شايد ان ڪري جو هو تاريخ جي ڌارا کي سمجهن ٿا. ظلم جي فلسفي کي سمجهن ٿا. دولت جي ورهاست کي ڄاڻن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي تہ سرمايا ڪني ڪرڻ ڪري ڪهڙيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون. هنن وٽ اصول آهي جنهن لاءِ هو وڙهن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي تہ ظلم جو علاج خون آهي. خون ظلم جي ڪارروائي بہ آهي ۽ خون ظلم جي ڪارروائيءَ جو خاتمو بہ آڻي ٿو. مان سوچي رهيو هوس تہ پلا هو هن جنجال ۾ ڇو پيا آهن ۽ زندگيءَ جو سولو رستو اختيار ڪري خوش ڇو نہ ٿا گذارين، جڏهن تہ هنن جو ايمان آهي دنيا ۾ خوشيءَ ۽ خوشحالي جو برپا ڪرڻ، ان سوال جو جواب مون کي ان ڏينهن ملي ويو، جڏهن مان جين پال سارتر جو هڪ ڪتاب "ايج آف ريزن" پڙهي رهيو هوس، ان ۾ لکيل هيو:

No one can be a man who has not discovered some thing, for which he is prepared to die.

جنهن جي معنيٰ آهي تہ اهو انسان ناهي جنهن زندگيءَ ۾ ڪا اهڙي شيءِ ڪا نہ سِڃي آهي جنهن لاءِ هو مرڻ بہ قبولي وجهي. اهو آهي اصول ۽ زندگي.

وري مان سوچيان پيو تہ اهي ماڻهو پڙهيل لکيل آهن، انهن کي نوڪريون ملي سگهن ٿيون، جي هو ڪمائي ڪائن تہ هو سکيا ستابا رهي سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن هر ڪو ماڻهو ڪوشش ڪري تہ ملڪ ۾ خوشحالي نصيب ٿي وڃي! پر پوءِ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڳالهہ ياد پئي تہ جائي اسان جي ملڪ ۾ 22 ڏنگ سرمائيدار ۽ انهن ڪان سواءِ رڳو سنڌ ۾ 6 اهي اعليٰ ڪٽنب آهن جن وٽ سنڌ جي 75 سيڪڙو زمين آهي. انهن سرمائيدارن اهي پئسا ٻين جي حق ڪاڻڻ مان ميڙيا آهن. سو ڪنهن غريب کي نوڪري تہ ڪا نہ ملندي، پلي هو پنهنجو مٿو ڦاڙي وجهي. پوءِ مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ هي ڏوهي پنهنجي اڪيلي خوشي قربان ڪري سيني جي گڏيل خوشيءَ لاءِ وڙهن ٿا ۽ جڏهن اها خوشي ملي ويندي تہ پوءِ هو بہ آسودا رهندا.

مان سوچيو هو تہ "ڏاڙيل" متعلق ڪجهہ لکندس پر ڳالهہ مان ڳالهہ نڪري، پري هليو ويو هوس، معاملو درحقيقت هينئن آهي تہ هتي اچڻ کان پوءِ ڪيترائي سنڌي قيدي اچي مون سان ملندا آهن ۽ چوندا آهن تہ سائين الله آندو اٿئي، هت تون پهريون سنڌي آهين جنهن کي اي ڪلاس مليو آهي، بهرحال اسان ۾ ڪو ڪم ڪار هجي تہ اسان حاضر آهيون. سو ٻہ ٽي ڏينهن اڳ هڪ موٽيل مڙس اچي سونهاري ۽ اچا شهپر، قد جو پورو، ڪشادي پيشاني ۽ اکين ۾ سحر سان گڏ شوخي، مون وٽ آيو ۽ ڪچهري ڪئي سون. معلوم ٿيو تہ هو ڏاڙيل هئو. هن ڪيئي ڏاڙا هنيا هئا، پوليس کان فرار هو، نيٺ جيل ۾ آيو، اتي بہ ٻن سپاهين کي انهن ڪان رائيفل کسي ماريائين. هڪ صوبيدار کي مار ڪڍيائين ۽ وري فرار ٿي ويو، پوءِ پڪڙيو ويو ۽ وري آزاد ٿيو. اهڙي طرح سندس جواني اندر يا ٻاهر برابر همت ۽ مردانگي سان گذري. هينئر خون جي ڪيس ۾ 14 سال سزا ڀوڳي رهيو آهي.

مون کان پڇيائين، مان بہ مختصر احوال ڏنا مانس. مان چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين! مان هڪ سرڪاريءَ اداري ۾ هوس، جتان جون اندروني ڳالهيون هڪ خط ۾ دوست کي لکيم، جيڪو پڪڙجي پيو ۽ مون کي ست سال سخت پورهئي سان سزا ڏياريائون“.

هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪاوڙ به لڳس، ان ڪري وڌيڪ تفصيل پڇڻ لڳو. چيائين: ”سائين! ست سال ته خون جي ڪيس ۾ ملندا آهن، توهان به ان ڪان چڱو ٿئي ها جي ڪو ماڻهو ماري اچو ها.“

مان ٿورو سوچي وراڻيو. ”چاچا! مان مظلوم ۽ پورهيت عوام جو همدرد آهيان ڇو جو مان پاڻ به غريب آهيان- سو ان ڪري ڪو به ماڻهو ڪو نه ماريم، ڇاڪاڻ جو ان ۾ غريب هاري ۽ مظلوم پورهيت به اچي ويجن ٿا ۽ ڪنهن کي مارڻ به ته مسئلو حل نه ٿو ڪري“.

مون سنگتي امجد بنگالي کي سڏيو جيڪو سنڌ ۽ سنڌين ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺندو آهي، ”سنڌي بنگالي ڀائي ڀائي“ چوندو آهي، ان کي مون ٻڌايو ته، ”هي هڪ سنڌي ڪردار ڏس“ [هو سُرڪي اچي ويجهو ويٺو ۽ چاچي مصري سرائيڪيءَ سان گاڏڙ اردوءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو جا بدقسمتيءَ سان ٺٺي] مان ڪنهن جي به زبان ڪا نه هئي، ته جيئن هن جي ڳالهه مان ۽ امجد چڱي طرح هڪ ئي وقت سمجهي سگهون. مان سوچي رهيو هوس ۽ مون کي هڪ واقعو ياد آيو. اسان وٽ ڪجهه وقت اڳ ڪراچيءَ شهر جا ڪجهه شاگرد ليڊر جن ۾ بلوچ اسٽوڊنٽس فيڊريشن به شامل هئا ۽ سپ نٽپ (ولي گروپ) جا حامي هئا، ڳالهيون ٻولهيون ڪري رهيا هئا ته هڪ مهاجر ڇوڪري چيو ته ”يار اسان کي شرم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ گهرجي جو اسان سنڌ ۾ رهون ٿا ۽ اسان کي سنڌي نه ٿي اچي. ڏسو انور ساٿي ڪيئن ٿو اردو ڳالهائي ۽ امجد به اردو ڳالهائي ٿو"- اسان ته ڪٿي چپ ڪئي- چيوسي ته هر ڪنهن کي پنهنجو ضمير ملامت ڪندو. تنهن تي هڪ پنجابي شاگرد (هي سڀ شاگرد ترقي پسند هئا) چيو ته "ادا اهو ڪو انور ساٿيءَ ۽ امجد صاحب جو اردوءَ تي احسان ڪونهي، هنن کي اردو زبردستي سان سيکاري وئي آهي".

مون کي اها ڳالهه ياد آئي ۽ چيم ته "چاچا ميرا، توڏي ڏوهه ڪونهي، جيتوڻيڪ تون ڪنهن کان به ڪو نه ڊڄندو آهن، تڏهن به اڄ سڏي طرح توکي اردو دانن جو ڊپ آهي ۽ اسان انهن جي آڏو سر جهڪايو آهي".

بهرحال هن شروع کان شڪايت ڪئي ته "مان کي ڪنهن به قسم جو شوق ڪو نه هيو ته مان ڏاڙيل ٿيان، پر مون کي حالتن ۽ رواج مجبور ڪيو ته مان اهو ڌنڌو شروع ڪيان."

هن وڌيڪ ٻڌايو ته، مان ' ڙڪاٽي ضلعي ۾ ويٺو آهيان، شهداد ڪوٽ جي پرسان اسان جو ڳوٺ آهي ۽ ان جي پرسان هڪ ڊنگ زميندار جون زمينون آهن، جي هن وزارت وارن ڏينهن ۾ ٺاهيون آهن. اسان خانداني ماڻهو آهيون ۽ مڙس ماڻهو ٿي رهيا آهيون. زميندار جي زمينن تي هن جا ڪمدار هوندا هئا، جن کي پنهنجي مالڪ جي طاقت جي نشي ۾ ڪا ڪل ڪا نه پوندي هئي. هو اسان جي ڳوٺ سان ڪينس ڪرڻ لڳا. زمينون پيلائڻ، اشرافن جي ننگن کي تڪڙ وغيره. اسان هنن کي چتاءُ ڪيو ته بيلي جيڪڏهن مڙس ماڻهو آهيو ته مردن وانگي رهو بي غيرت نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو. ڳالهه وڌندي وئي ۽ لانگهاڻن ۽ هنن ڪمدارن (دنگ جي) جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو. هنن ٻا ڪيو جو ٻن ٽرڪن جا اسپيئر ويل لڪائي ڇين تہ هي ڪٽي ويا آهن ۽ وچي ڪيس داخل ڪيائون. ڏنگ زميندار تن ڏينهن ۾ وزير هيو، اسان هن جي بنگلي تي وياسون، ان فيصلي لاءِ پنهنجي تڏي جو قدر اهو ڪيائين جو جيپ مان لهندي ئي چيائين "ويل پيدا ڪريو نہ تہ مان ڏنڊو ڏبي ويل وٺندس." اسان چيوسين سائين، ويل اسين ڪاڏي ڪنداسون. اسان چوري ڪو نہ ڪيا آهن. باقي جي چوين تہ اسان ٻن جا پنج پري ڏيون. هن چيو تہ نہ مان ڇڪي وٺندس، توهان چوري ڪئي آهي. نيٺ فيصلي لاءِ جيڪب آباد جو پروگرام ڏنائين ۽ مان بہ اتي ساڻين سان پهچي ويس. اتي بہ هن جو رويو اهو ئي رهيو ۽ پنهنجي شهنشاهيت تي ناز مان گاريون ڏيڻ لڳو. مان غريب آهيان پر غيرتمند آهيان، مان صبر ڪري اٿي اچڻ چاهيو پر ڏُنگ زميندار اوڏيءَ مهل ايس پي کي فون ڪئي ۽ مون کي گرفتار ڪرايو ۽ خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ 14 سالن جو قيد ڏياريو- لاڪ اپ مان، مان ڀاڳيلو ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سازش

نيلوفر ساجن جي زندگيءَ ۾ پهرين عورت هئي، ڪيس پوڄڻ جي حد تائين پيار ڪرڻ لڳو. هن جو انگ انگ ساجن لاءِ چارڻ جو چنگ بڻجي پيو. هو نفس پرست نہ هو پر سونهن ۽ صداقت جو محافظ هو. ساجن ادب جو شائق ۽ ادب کي زندگيءَ لاءِ صراط مستقيم سمجهندو هو. هو ٻهراڙيءَ جي غريب خاندان مان آيل هڪ هوشيار شاگرد هو. هن جي تعليم اسڪول يا ڪاليج ۾ ڪا نہ ٿي، هو گهر ويٺي پڙهندو رهيو ۽ ڪاليجن ۾ پڙهيل ڪيترن ئي جيڏن سرتن کان گوءِ کٽي ويو. هو نئين زماني جو نئين سوچ وارو ماڻهو هو. جنهن طبقي مان آيل هو، انهيءَ ئي طبقي جو مفاد هن کي هميشہ آڏو رهندو هو. تعليم ۽ طبقاتي شعور هن ۾ زندگيءَ جي ”ڪيئن؟“ هئڻ جي چرپر پيدا ڪئي. هو سوچيندو رهندو هو تہ هي دنيا جيڪر ڪهڙي هجي، هن کي ڪيئن ناهجي؟ ۽ هن جي ذهن ۾ اڻ ڳسنڌڙ خيال ايندو هو تہ دنيا اهڙي هجي جنهن ۾ ٻارڻ کي وڏيرو وانگار تي نہ وٺي وڃي سگهي، ڇاڪاڻ جو ان ڏينهن بک ٽا مرون. دنيا اهڙي هجي جنهن ۾ منهنجا ٻہ ٻائر هر ڪاهي اچن تہ هنن جي گهر ۾ اٽي جي هوند، هنن جي بت تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو سبز ڪپڙو ۽ سيءَ کان بچڻ لاءِ يتين وارو گهر هجي. دنيا اهڙي هجي جنهن ۾ اوچ ۽ نيچ نہ هجي. جنهن ۾ ظلم نہ هجي. گهٽائيءَ جي ڪمائيءَ مان تورا پيٽ نہ ڀرن. سک هجي، سانت هجي، مزو، ميٺ ۽ شانتي هجي.

هو انگريزي ادب ۾ ايم اي پاس ڪري ڪراچيءَ ۾ ڪنهن روزگار جي تلاش ۾ نڪتو. پنهنجي هڪ چاچي جي گهر ۾ رهندو هو ۽ روزانو "ڊان اخبار" مان اشتهار ڪپي پلاسٽڪ جي هڪ لفافي ۾ وجهي، پنهنجي مائٽ کان روپيو وٺي بسن ۾ چڙهي پوندو هو. سندس چاچو حساب ڪتاب رکندو ويندو هو ۽ ٻنهين طئي ڪيو هو تہ نوڪريءَ ملڻ سان ساجن سيئي پئسا واپس ڪندو.

شام جو موٽي ايندو هو تہ لفافو خالي هوندو هوس ۽ چنڊڪيون چنوڙي پينٽ جي کٻي کيسي ۾ هونديون هئس. جڏهن هن جو چنڊڪيءَ مان ڪم لهندو هو تہ هو ان کي پينٽ جي کٻي کيسي ۾ اڇلي ڇڏيندو هو. روزانو هو ڪيترن ئي هنڌن تي انٽرويو ڏيندو هو ۽ اهي ليٽر هٿيڪا ڪري اڇي هڪ فائيل ۾ رکندو هو. هفتي جا ڇهہ ڏينهن ايئن گذاري، آچر تي پنهنجا ڪپڙا ڌوئندو هو ۽ انهن کي استري ڏئي هڪ ڪهاڻي لکندو هو. هن جون ڪهاڻيون ڪوڙيون ۽ ڪٽيون هونديون هيون، چاڪاڻ جو هن جي زندگيءَ جي وڻ کي ڪارو پاڻي آيل هو. هو ڪراچيءَ جي گهٽي گهٽي رليل هو. هن حبيب بينڪ جي چويهہ ماڙ بلڊنگ بہ ڏٺي هئي تہ حب نديءَ ۾ بنگالين جون جهوپڙيون بہ ڏٺيون هيون، جي ڏاڍي مينهن پوڻ ڪري ماڻهن سوڌيون وهي هلنديون هيون. هن ڳگريل ڪوٺين ۾ صاحبلوڪن کي سمهندو بہ ڏٺو هو تہ ترڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن جي چانو ۾ مزدورن کي پگهر سڪائيندو ڏٺو هو. هن هڪ ئي فٽ پاٿ تي موهيندڙ سرهاڻ لڳل عورتون ڏٺيون هيون ته ٻنهي ڪچن تي ٻارڙن سان فقيرياڻيون به ڏٺيون هيون. هن لکين مزدورن کي اونداهن ڪونين ۾ گهاريندو به ڏٺو هو ته شهر ۾ عظيم الشان مسجدون به تعمير ٿيندي ڏٺيون هيون. هن جي ڪهاڻين جو موضوع اهو ئي رهندو هو. هڪ دفعي سندس چاچي هن جي هڪ ڪهاڻي چوريءَ پڙهي ورتي هئي ۽ هن کي چوويهن ڪلاڪن ۾ گهر ڇڏڻ جو حڪم ڏنو هئائين. تنهن تي هن ايلاز ڪري جان ڇڏائي ۽ پوءِ پنهنجون لکٽيون لڪائڻ لڳي ويو. اهڙي طرح هو پهرين مغز جي مک کپائي گيت ۽ ڪهاڻيون لکندو هو ۽ پوءِ انهن جي لڪائڻ جي فڪر ۾ لڳي ويندو هو. هن هڪ ڪهاڻي ان موضوع تي به لکي هئي. هڪ ڏينهن هو هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو جنهن ۾ بحث هلي رهيو هو ته ادب ڪيئن پيدا ٿيو ۽ اديب چو ٿو لکي. ان تي هڪ فلسفيءَ جي راءِ هن کي ڏاڍي وڻي، هن لکيو ته ”جهڙي طرح بيمار کي پيٽ ۾ واءُ گڏ ٿي وڃي ۽ سور ٿي پوي پوءِ جيستائين واءُ نه نڪرندو آهي تيستائين بيمار کي آرام نه ايندو آهي، اهڙي طرح اديب کي ٻاهرين اثرن پورڻ ڪري دماغ ۾ خيالن جو ذخيرو گڏ ٿي ويندو آهي، اهو جيستائين نه نڪرندو تيستائين هن کي آرام نه ايندو. هي سوچي رهيو هو ته واقعي منهنجيون ڪهاڻيون منهنجي لاءِ مصيبت به پيدا ڪن ٿيون پر تڏهن به مان لکڻ لاءِ مجبور آهيان.

ساڄن ڏسڻ وائسڻ جو ناهوڪو هو، ميرن لٽن هوندي به هن جي شخصيت موهيندڙ هئي. شهر ۾ هن جي ڄاڻ سڃاڻ وڌندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي. انٽرويو ۾ چٽاپيٽيءَ جي امتحان ڏيندي هن جي نويد سان واقفيت ٿي. نويد ڪراچيءَ جي هڪ وڏي ڪارخانيدار جو پٽ هو. هڪ وڏي بنگلي ۾ رهندو هو. سواريءَ لاءِ هن کي جدا هڪ ڪار هئي. هو بي اي جي آخري سال ۾ ٽي دفعا ناپاس ٿي پيو هو. تازو هن کي پٽس جي هڪ سنگتيءَ پنهنجي ڪارخاني ۾ ائن سون جي پگهار تي رکي ڇڏيو هو. هڪ دفعي ساجن ان ڪارخاني جي مالڪ وٽ ڪلارڪيءَ جي انٽرويو لاءِ ويو هو. اتي هن جو انٽرويو وٺي هن کي موٽايو ويو هو ته جاءِ خالي ڪونهي. پوءِ اٽڻ مهل ڪارخانيدار هڪ ماڻهوءَ کي فون ڪري چيو هو ته يار! نويد ڇا ٿو ڪري، موڪلينس ته هت اچي ڪم ڪري. اٺ سئو پگهار ڏينداسونس پر بي اي پاس هجي. تنهن تي هن چيو هوس ته ”سائين، توهان کي بي اي پاس کپي، مان ان جاءِ تي ايم اي (انگريزي) پاس آهيان، نوازش ٿيندي جيڪڏهن مون کي روزگار سان لڳائي وجهو. تنهن تي جواب مليو هوس ته ”جينٽلمين، اسان کي ڪنهن وڏي خاندان جو اثر رسوخ وارو ماڻهو گهرجي جنهن جي ڪري اسان جو ڪاروبار تيز ٿئي“.

نويد هن کي ڪڏهن ڪنهن بس اسٽينڊ تي بيهندو ڏسندو جيستائين پاڻ ويندو هو ساجن کي به ڪار ۾ وٺي ويندو هو، هنن جي پاڻ ۾ چس ٿيندي وئي. نويد، ساجن کان بيحد متاثر ٿي چڪو هو، ڪوشش ڪري ڪڏهن ڪڏهن ساجن کي ڪيل به ڏيکاري ايندو هو.

ساجن کي ويهڻ نه وٽيو هو ايل ايل بي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو ۽ نوڪريءَ جي تلاش به جاري رکيائين. ٻن سالن جي بيروزگاريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي سبق سيکاريو هو تہ سواءِ پئسن يا سفارش جي نوڪري ڪا نہ ملندي، ان ڪري چڱو آهي تہ امتحان پاس ڪري وڪيل ٿي پوان. هن پڙهائي شروع ڪري ڏني. رات جو هو دير دير تائين پڙهندو رهندو هو. هڪ رات اوچتو هن سامهون واري بنگلي جي هڪ دريءَ مان هڪ نوجوان عورت کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏٺو. هن جي ذهن ۾ چرپر پيدا ٿي. ان کان پوءِ هن اڪثر اهو لقاءُ ڏٺو. هي نہ چاهيندي بہ هن ڏي ڏسندو هو ۽ هوءَ بيتاب لڳندي هئي. هاڻي پڙهندي پڙهندي هن جي خيالن ۾ رخنو پوڻ شروع ٿيو. هو ان ڪشش متعلق سوچيندو هو ۽ ان تي هن جي راءِ اها هوندي هئي تہ هن سرمائيداراڻي سماج ۾ آڏو واري بنگلي جي هڪ ڪروڙ پتيءَ جي نينگري مون سان پيار نہ ٿي ڪري سگهي، پر هوءَ سنهنجي حال ۽ جذبات تي ٽوڪ ٿي ڪري، ايئن سوچي هو پاڻ مرادو کلي ويهندو هو. وري سوچيندو هو تہ ڀلا نيڪ آهي، جي هوءَ پيار ڪري ٿي تہ پوءِ ڇا مان هن کي ڪنهن وڏي شاپنگ سينٽر ۾ خريد فروخت ڪرائي سگهندس؟ ڇا مان هن کي ڪنهن وڏي هوٽل ۾ وني ڪارائي پياري سگهندس؟ نہ، بلڪل نہ. مان انهيءَ جي لائق نہ آهيان، اسان غريبن کي عشق ڪرڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي.

ساجن اڄ ملڪ جي چوٽي وارن ڪهاڻيڪارن مان هڪ هئو، سندس تخليق ڦورو طبقن ۾ ولولو مچائي ڇڏيو. هن جي باغي گيتن کي پورهيت عوام پنهنجا نعرا بڻائي رکيا ۽ هو هاريءَ ناريءَ جي ادبي محاذ تي ساٿي تي ڪم ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن نويد سندس ڪمري ۾ اوچتو گهري آيو، هو هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪهاڻين تي تنقيد ڪرڻ لڳو. نويد روحانيت ۽ مابعد الطبيعاتي فلسفي ۾ ايمان رکندڙ هيو. هو چاڻوسر ۽ ملٽن کي وڌيڪ پسند ڪندو هو. وليم ورڊس ورٿ جي فطرت نگاريءَ کي هو شاعريءَ جو عروج سمجهندو هو ۽ باقي ادب کي پروپيگنڊا ۽ سياست سڏيندو هو.

”جي تون شاهوڪار هجين ها، ساجن، ۽ زندگيءَ ۾ هر سک هجئي ها تہ پوءِ ايئن لکين ها جيئن اڄ ڪلهہ لکين ٿو؟“. نويد پڇيو.

”شايد نہ“ ساجن وراڻيو.

”تنهن جي معنيٰ تہ ڪمايو ڪونہ. نصيب بہ جڏو، پوءِ غربت ۾ بيو تہ ڪجهہ ڪونہ ٿو ملي باقي انقلابي سڏائڻ، سو تہ ڪونہ ويو“ نويد منهن ڦيرائي چوندو رهيو. ”شاعري آزاديءَ جي پرمسرت گيتن جي ڪهاڻي آهي، شاعري امن ۽ سانت ۾ لکبي آهي ۽ ان ۾ امن ۽ سانت هوندي آهي. وڙهہ وڙهان ۽ مارڌاڙ شاعري نہ پر مسخري آهي، حقيقت پسند ٿي سوچ ساجن، توکي نظر ايندو تہ ڏک ۽ سک زندگيءَ جو بيو نالو آهي“.

”اها حقيقت پسندي نہ آهي اها نڳي آهي، مظلوم انسانيت کي سمهارڻ جو پرفريب فلسفو آهي.ڇا تون ٻڌائي سگهندين تہ ڏک ڇو صرف ڪڙمي ڪاريءَ لاءِ آهي؟ امير ڇو سڀ جو سڀ سکيا آهن، حقيقت پسندي اها آهي جيڪڏهن تون سمجهين تہ انساني سماج ۾ ناڻو سک ۽ سلامتيءَ جو ضامن آهي، ناڻي جي ڪمائيءِ وارن سيني وسيلن تي هڪ طبقي جو حق ئي هڪ بين الاقوامي سازش آهي، جنهن ڪري دنيا جو پورهيت عوام بکيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڌ اگهاڙو آهي، دولت جي هڪڙي ورهاست زندگيءَ متعلق توهان جي سيني پراڻن نظرين کي ڦيرائي وجهندي.“ ساجن چيو.

”منهنجي خيال ۾ انساني سک ۽ سلامتيءَ جو ضامن صرف ناڻو نہ آهي، ڇاڪاڻ جو انساني زندگيءَ جا ٻہ پهلو ٿيندا آهن، هڪ روحاني، ٻيو مادي. روحاني سڪون جيڪڏهن ملي وڃي تہ ماڻهو غربت ۾بہ گذاري سگهي ٿو.“ نويد سوالي اکين سان ساجن ڏانهن ڏٺو.

ساجن جا ڪن بہ ڳاڙها ٿي ويا. اهو نڙي صاف ڪندي چوڻ لڳو ”نويد صاحب، هڪ پيرسن هاري، جنهن جو پٽ تڏي تي نمونيا جو بيمار پيو آهي، هڏڪين ۾ آهي، تہ سياري جي لُهريءَ کي هن جي جهوپڙي جون ڪنڌيون جهلي نہ ٿيون سگهن. دوا لاءِ پئسو ڪونهيس ۽ جگر جو ٽڪرو بہ سهائي نہ ٿو سگهي. سندن جوان جماڻ ڌيءُ اگهاڙي ٿي پئي ٿئي. زال کي دورو ٿي پيو اٿس، باقي ٻار بک تي رڙي رڙي سمهي پيا آهن، سياٽي جي ڪم تي نہ ٿو وڃي تہ اٽو گهر ۾ نہ ٿو اچي، وڏيرو ونگار جو ٻڌائي ويو اٿس، زندگيءَ جا ٿيهہ ورهيہ ڪڙمت ڪندي رڳون ڪمزور ٿي ويون اٿس، ڇا ان لاءِ عشق يا الله ڪا معنيٰ رکي ٿو؟“

نويد عشق کان انڪاري ٿي سگهي پيو، پر الله واري ڳالهہ ڳوري ٿي پيس، هو ڪجهہ خارن مان ڳالهائڻ لڳو، چوڻ لڳو، ”توهان جڏهن کان پنهنجي اصليت وساري ويٺا آهيو ۽ پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ قومي روايتن کي پٺي ڏئي روسي نظريا اڌارا ورتا اٿو، تڏهن کان هن قوم جو آئندو مون کي ڪارو ٿو لڳي. اها واقعي شرم جي ڳالهہ آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان سماجي انصاف لاءِ ٿا وڙهون، روس، چين، آمريڪا سان اسان جو ڪو ڪم ڪونهي، پر مون کي تعجب اهو آهي ته جڏهن گذريل چوويهن سالن کان ملڪ ۾ آمريڪي نظام هلي رهيو هو تڏهن توهان کي ڪا به شڪايت ڪا نه هئي، اهو به ته ڪنهن ڌارئي ملڪ جو نقل آهي“. ساجن جواب ۾ چيو

نويد چپ ٿي ويو. ٿوري دير ترسي هو ڪوٺڙيءَ مان نڪتو ۽ ڪار جي ڦيٿن جي چرڙاٽن جا آواز اٿي آهستي آهستي جهڪا ٿي ويا.

ساجن سوچيندو رهيو. مٿن کان وهاٽي هيٺان هڪ ڪتاب ڪڍي، ڪجهه صفحا پڙهي سمهي پيو. صبح جو تيار ٿي هو روزگار جي تلاش ۾ نڪتو. هڪ مل ۾ ڪلارڪي لاءِ انٽرويو ڏيڻو هوس. انٽرويو ۾ هو پهريون نمبر آيو. هن کي نوڪريءَ جو دلاسو مليو ۽ گهر موٽي آيو.

هينئر ساجن روزگار سان هيو. اڇا اجرا لٽا پائيندو هو. صبح کان شام تائين مل ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ رات جو دير تائين گهر ۾ پڙهندو رهندو هو. نيلوفر هن جي راتين جي تنهائي زوريءَ ٽوڙي وجهندي هئي. هڪ رات هوءَ پنهنجي گهران نڪرندي هن جي ڪوٺڙي ۾ گهڙي آئي. هوءَ ڪاريءَ ساڙهيءَ ۾ ويڙهيل هئي، وڏا ڇڙيل وار ۽ پاسي کان سينڌ نڪرڻ ڪري هن جي اڌ منهن کي ڍڪي وري ڇنڊڪي سان سڄي ڪلهي تي وڇي ٿي ڪريا. ساجن کي پنهنجي اکين تي اعتبار نه ٿي آيو. هن اکيون مهٽي ڳيت ڏئي هن کي هڪ ڪرسي آڇي. چوري چوريءَ هن ڏي ڏٺائين. چنڊ جهڙو گول چهرو اڌ تائين وارن سان ڍڪيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس، دل ۾ چيائين تہ اڄ رات چنڊ گرهڻ آهي.

سڄي ڪوشش باوجود ڪن ڪچري جي سرهاڻ سان نشيلي ٿي پئي. نيلوفر وارن کي چنڊڪو ڏئي چيو ”ڪيئن، ڊارلنگ خوش آهين؟“.

”ٿئنڪ يو ڊيئر“ ساجن چيو.

”مان چوريءَ آئي آهيان، وقت تمام ٿورو آهي، سياڻي هن وقت انٽرڪانٽينينٽل ۾ آمريڪي سفير جي دعوت ڪئي اٿئون، مان اتي هونديس، تون ضرور اچجان تہ ڪچهري ڪنداسون“.

نيلوفر هيڏي هوڏي ڏسندي چيو.

ساجن ڪجهہ چوڻ پئي چاهيو پر هوءَ هرڻيءَ وانگر ٽپال ڏئي هلي وئي.

نيلوفر جي جسم جي نانگ هن جون مرليون پٽي ڇڏيون هيون، هن جي سڳنڌ کان واسجي چڪو هو. هن جو من ڇڻ ڪوهياري ٻڌي رهيو هو. عنقريب ماضيءَ جي ياد هن لاءِ سرندي تي راڳو ٿي پئي.

هي نفس پرست ۽ عورت جي جسم جو واپاري نہ هو پر سونهن ۽ صداقت جو محافظ ضرور هو. هو ڪيٽس جي سونهن واري نظريي کي ياد ڪري رهيو هو. هي نشئي نہ هو پر مُلن جي ضد تي شراب ضرور پيئندو هو.

رڪشا جي ڊرائيور بريڪ هنئين، ساجن وارن کي ڦڻي ڏني. ڪارو پينٽ ۽ اڇي قميص تي ٽاءِ هڻس، هو ڪانٽينينٽل ۾ گهڙيو. نيلوفر در وٽ سندس انتظار ڪري رهي هئي، هن هيڏي هوڏي ڏٺو، هن جو مٿو چرخ هڻي ويو. هوٽل جي لوبي، وهنجڻ جو تلاءُ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيون شيون ڏسي هن دل ۾ چيو تہ هي سڀ عيش اسان جي ملڪ جي پنج سيڪڙو ماڻهن لاءِ مهيا ڪيو ويو آهي. ملڪ جا پنجانوي سيڪڙو ماڻهو غير انساني زندگي گذارين ٿا.

نيلوفر ۽ هن جي رهاڻ ڪجھ وقت تائين هلي، نيلوفر جي جذباتي عشقي داستانن جي جواب ۾ ساجن چيو ”من، توکي سمجھڻ گهرجي تہ مان هڪ خسيس ڪلارڪ آهيان، مان تو سان بي حد پيار ڪريان ٿو پر سچ اهو آهي تہ تنهنجو ۽ منهنجو ساٿ عارضي آهي“.

”مان توکي، تون جيئن بہ آهين، قبول ڪيو آهي، اسان جو پيار ناڪام ٿي نہ ٿو سگهي، سچن جو عشق عارضي هوندو آهي. مون کي جا شخصي ملڪيت بابي ڏني آهي اها تون ۽ مان سڄي زندگي کپائي نہ سگهنداسين“. نيلوفر پنهنجو موهيندڙ منهن هن جي منهن ويجهو آڻيندي چيو.

ساجن جيترا بہ پاڪستاني فلم ڏٺا هئا انهن ۾ عاشقن کي ڪيتريون ئي چوٽون اينديون هيون ۽ آخر ۾ ڪٺي ڪامياب ٿيندا هئا پر هن فلم ۾ هن آڏو ڪا بہ رنڊڪ ڪا نہ آئي، اها ڳالھ هن کي انوکي لڳي. هو سوچي رهيو هو تہ هي سچو پيار ناهي ڇا؟.

ساجن مل ۾ ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو هو. هن جھڙا پيا بہ ڪيترا مزدور مل ۾ جيئن جو تيئن ڪم ڪندا هيا. پيداوار ٿيندي هئي، اها جهازن ۾ ٻاهرين ملڪ ڏانهن موڪلي ويندي هئي، اتان پئسا ايندا هئا. جي ساجن ڏسندو هو تہ مل جو مالڪ بنا ڪٿڻ جي ترڪ جو خانو پري وڃي تجوڙين ۾ لاهيندو هو. مزدور کي روزانو ڏيڍ رپيو ملندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي مزدورن سان گهرائپ شروع ٿي وئي، هنن جي زندگي ڏسي هي ڏکي ويندو هو. هنن لاءِ دوا، رهائش ۽ بونس جو ڪو بہ انتظام ڪو نہ هيو. هن ان سلسلي ۾ ڪيئي ڪامياب يا ناڪام ڪوششون ڪيون هيون. اڄ مزدورن جي يونين ۾ صدر لاءِ چونڊون هيون، هر مزدور جي اکين ۾ آسرو ڏسڻ ۾ پئي آيو. هنن کي ايماندار ساٿي ملي رهيو هو. هنن وڏي اڪثريت سان ساجن کي يونين جو صدر چونڊيو. ان کان پوءِ هن ڪيترن ئي جلسن ۾ مزدورن سان ڳالهايو. هنن ۾ طبقاتي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هنن جي ڪيترن ئي مسئلن جي حل لاءِ ۽ هن ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون.

هن جي شخصي زندگيءَ ۾ نيلوفر ويجهي ايندي وئي، هن کان اڳ نيلوفر لاءِ پٽس جي طرفان مخالفت ڪئي وئي هئي، پٽس هن کي ٻڌايو هيو تہ ”هو غريب مفلس ڇوڪرو آهي، واقعي اسان کي بي انت ملڪيت آهي پر زماني جون گردشون تو نہ ڏٺيون آهن، ڪاروبار ۾ گهاٽو، مل ۾ هڙتال ۽ ڪي ازغيبي نقصان ملڪيت جو خاتمو بہ ڪري سگهن ٿا، ان ڪري تنهنجي لاءِ سنو ٿيندو جيڪڏهن ڪو پنهنجيءَ وارو تاڙين، جنهن کي ڪو ننڍو وڏو ڪارخانو هجي، ڪا ڪار بنگلو هجي وغيره پر جڏهن کان ساجن کي 110 رپين واري نوڪري ملي هئي ۽ خاص ڪري جنهن ڏينهن هو مزدورن جو ليڊر چونڊيو هيو تنهن ڏينهن نيلوفر جي پيءُ پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ نيلوفر کي گهرائي چيو هيو تہ ”منهنجو خيال آهي تہ تون ساجن کان هاڻي پري نہ رهہ. توهان جي شادي ٿي وڃي تہ ڏاڍو سٺو، منهنجي خيال ۾ هن مهيني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر تائين ڪا تاريخ موزون ٿيندي“.

انهيءَ ئي رات ساجن جي ڪوٺي هڪ دفعو وري سرهاڻ سان واسجي وئي هئي. ساجن هيءَ خبر ٻڌي خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي. نوان وچن، نيون ڳالهيون، راز ۽ نياز. انگل ۽ موهہ ۽ ان رات دير تائين هليا. ريجهہ رهاڻ جي ڳالهين ۾ سياست، مذهب، ذات پات ۽ قوم قبيلي جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڪو دخل ڪو نہ هو. ساجن اطمينان جي زندگيءَ ۾ پير پاتو هو، هو خيالي دنيا ۾ سير ڪندو رهيو. هن جي ڪڇ ۾ حور وينئي هئي، هن جي مالي مشڪلاتن جو حل ملي ويو هو. هن سوچيو هو تہ امان ۽ بابي کي بہ پئسا موڪليندس ۽ چاچي کي بہ راضي ڪندس. ٻنهي ٻن هفتن کان پوءِ شادي ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. رات ڪافي گذري چڪي هئي، نيلوفر ۽ ساجن ”پارٽنگ ڪس“ سان موڪلايو.

صبح جو نوڪريءَ تي وڃڻ کان اڳ ۾ ساجن ڊچندي ڊچندي اها ڳالهہ پنهنجي چاچي کي ٻڌائي، هن حيران ٿي هن کي ڪٽي ٻڪ وڌو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو.

ساجن مل ۾ پهتو، اڄ هن کي مزدورن جي ميڙ کي خطاب ڪرڻو هو. مزدورن جي غيرانساني زندگيءَ هنن کي چِتو ڪري وڌو هو، هو ڍورن وانگي وَهندا هئا ۽ فقيرن وانگي هنن کي ٽورائتو خيرات ملندي هئي. هنن جو اندر جلي رهيو هو، هو هن حياتيءَ کان مري وڃڻ بهتر سمجهندا هئا. هيءَ گڏجاڻي ان لاءِ ٿي هئي تہ انهن مسئلن لاءِ ڪو عملي قدم کڻجي ڇاڪاڻ جو رڙندي رڙندي هنن کي سال ڪن گذري چڪو هو. ساجن جيئن ئي مزدورن کي موڪل ملي هڪ اتاهين جاءِ تي اٿي بيٺو ۽ مزدورن سان ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪيو، ائين لڳي رهيو هو تہ پورهيت عوام هاڻي سجاڳ ٿي چڪو آهي، ان اجلاس ۾ اهو طئي ٿيو تہ 24 ڪلاڪن ۾ جي مطالبا پورا نہ ٿيا تہ مزدور مل جو قبضو وٺي ڇڏيندا.

ساجن رات گهر ڪو نہ آيو. هو ساٿين سان صلاح مشوري ۽ تنظيم لاءِ ڪم ڪندو رهيو. سڀاڻي تي آخري ڏينهن هيو. يا مطالبا مڃرائڻا هئا يا مل جو قبضو وٺڻو هو. پوليس، ٽيئر گئس، گولي ۽ فوجي مداخلت جي هر امڪان خلاف انتظام ڪيو ويو. مزدورن سان ان سلسلي ۾ گهر وڃي بہ پڪ ڪئي وئي، ساجن پنهنجي سيني ساٿين کي ٻڌائي ڇڏيو تہ "اسان جي زندگي ان موڙ تي پهتي آهي جو هيءَ تحريڪ اسان جي جيئڻ مرڻ جو سوال آهي، خبردار تجو. هن سماج ۾ ڪيترئي ئي سرمائيدارانا سازشون ٿينديون آهن، انهن کان واقف رهجو. ڪنهن بہ مزدور ان تحريڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان ان کي گولي هڻنداسون، اهو غدار آهي".

اڄ مل جا مطالبا مڃرائڻا هئا يا مل جو قبضو وٺڻو هو. هر مزدور جي ذهن ۾ هي پڪو ارادو هيو. سڀئي مزدور مل ۾ پهچي چڪا هئا، ايتري ۾ ساجن آيو. ڪم جو وقت شروع ٿيو. گهنٽي وڳي، پروگرام مطابق سڀ مزدور نعرا هڻڻ لڳا ۽ ڪو بہ ڪم تي ڪو نہ ويو. ساجن ۽ سندس ٻن ساٿين رات جو مطالبن جي لسٽ ٺاهي هئي سا سيني کي پڙهي ٻڌائي ۽ جواب ۾ فلڪ شگاف نعرن سان قبوليت ڏني وئي. لسٽ مل جي انتظاميا جي حوالي ڪري جواب جو انتظار ڪرڻ لڳا. لسٽ ۾ ڄاڻايل هو تہ اسان جا مطالبا اڄا تائين نہ مڃيا ويا آهن، وقت ختم ٿي ويو آهي، هينئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اسان جا مطالبا مڃيا ويندا تہ اسان ڪو قدم نہ کڻنداسين، ورنہ هي نوٽيس آخري آهي.

مل ۾ چوبول هيو. مزدورن جي هٿن ۾ لوهيون سيخون، ڏنڊا ۽ ٻيو پوليس سان مقابلي ڪرڻ لاءِ موزون سامان هيو. مزدور اڄ زخميل چيتا پئي ڏٺا. هنن کي ساڄن جي رهنمائيءَ ۾ ايمان هو. هو ساڄن تان سر گهورڻ لاءِ تيار هئا. هنن جو ساڄن ۾ پورو پورو اعتماد هو.

گيٽ تي هارن وڳو. گيٽ کليو. هڪ ڊگهي ڪار جي پوئين سيٽ تي ڪاريءَ ساڙهيءَ ۾ ملبوس هڪ عورت مل جي مالڪ واري آفيس ۾ هلي وئي. مل جي مالڪ گهنٽي وڄائي مزدورن جي اڳواڻن کي اندر گهرايو.

ٻاهر ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪيا ۽ نعرا گونجي رهيا هئا. ساڄن ۽ سندس ٻہ ساٿي مل مالڪ جي آفيس ۾ اندر گهڙي ويا.

آفيس پاسي وٽ هڪ صوفا سيٽ تي نيلوفر ويٺي هئي. هوءَ ڪاريءَ ساڙهيءَ ۾ حور لڳي رهي هئي. هن ساڄن کي سڏ ڪيو ۽ پرسان ويهڻ لاءِ چيائين. ساڄن جي تڪڙ مان نڪاءُ نڪري ويو. هن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪا نہ آئي. سندس ساٿي ڪارخانيدار جي آڏو ٻن ڪرسين تي ويهي رهيا.

”هي تو ڇا ڪيو آهي؟ ڊيڊيءَ ڏاڍيءَ پريشاني مان ٽيليفون ڪري مون کي گهرايو آهي. هو اڄ ڪلهہ اسان جي شاديءَ جي تيارين ۾ مصروف آهي. هن جي پريشاني اسان جي شادي ۾ رخنو پيدا ڪندي.“ نيلوفر خارن ۽ عجب ڀريل اکين سان هن ڏانهن گهوريندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن جون اکيون تڪ هڻي ويون، هن جا چپ سڪي ويا، لونڊڙيءَ جون رڳون ڏوڙڻ لڳس ۽ متو ڦيراٽيون کائڻ لڳس.

”هيءَ مل اسان جي آهي، تنهنجي ۽ منهنجي آهي، هن جي ڪمائي سڄي عمر کاٽي آهي، هن مل کي نقصان مون کي نقصان آهي، هن مل جي هن سال واري پيدائش بابو مون کي ڏاجي ۾ ڏئي رهيو آهي، تون پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيو آهين“. نيلوفر اکيون ڦوٽاري چيو.

ساجن زور سان ڀيت ڏني ۽ نڙي آلي ڪري چيائين ”چا هي تنهنجو پيءُ آهي؟ اسان جي سامهون واري گهر ۾ رهندو آهي؟“.

”تون ڊيڊيءَ کي نٿو سڃاڻين. هي تنهنجو سهرو آهي“، نيلوفر وراڻيو.

ساجن منجهي پيو. هن جي ذهن ۾ وڪوڙ هيو.

هو ٿوري دير لاءِ چپ ٿي ويو. ايتري ۾ هن جا ٻئي ساٿي اٿي کڙا ٿيا ۽ آفيس جي ٻاهران مزدورن جي ميڙ کي مخاطب ٿي چيائون ”ساٿيو. اسان جو صدر هڪ سرمائيدارانا سازش جو شڪار ٿي ويو. هو وڪجي ويو. هو ڪار ۾ آيل ڪارخانيدار جي نينگريءَ جو مڱيندو آهي ۽ هي ڪارخانيدار هن جو سهرو. هو اندر هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جي ڪڇ ۾ وينو آهي، خاموش آهي ۽ منجهي پيو آهي. اسان جو آواز مظلوم پورهيت عوام جو آواز آهي، هي آواز ڪنهن ساجن يا ٻئي ڪنهن فرد جو ڪونهي، ساجن جا اهي لفظ تہ هن تحريڪ کي نقصان پهچائيندڙ غدار آهي، هينئر بہ سچا آهن، جڏهن تہ هو خود غدار ٿي چڪو آهي. ساٿيو اڳتي وڌو. ڪارخانيدار جو سندس نينگريءَ ۽ نياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميت گهيراءُ ڪيو“.*

مزدورن جو ميڙ مهراڻ وانگي ڇوليون هڻي رهيو هو ۽ ڪنن ڦاڙ نعرا لڳي رهيا هئا: ”سرمائيداري مرده باد“، ”ساجن ساجن، غدار غدار“

(31 جنوري 1972ع بلهڙيجي)

* اسان هن لاءِ ترسي نہ ٿا سگهون، وقت تمام ٿورو آهي، هلنديءَ جنگ ۾ هن کي هڪ سامراجي گولي لڳي آهي، هن کي زخميل ڇڏي ڇڏيو، توهان اڳتي وڌو، وقت تمام ٿورو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين پڇاڻان

دهل تي ڏونڪو لڳو، مڙس اچي متا، لانگوٽا ڪنيل، ڪراين ۾ رومال ٻڌل، ڳچيءَ ۾ تائت، ڏورن ۾ ڪارا سڳا. موٺيل ۾ ڪراڙن جي هٿ پيٽي ڪا نه هئي. ڪوهه ڪونٽو هو، ڪوهه ٻه چاليهه هٿ هيٺ وچٽو هو. رونشو ٻه هو ته مڙسيءَ جي ٻه ڳالهه هئي. ڳوٺ جا ننڍا، وڏا، زالون، مرد، ڪراڙا ۽ جوان اچي مَنهنَ ۾ گڏ ٿيا هئا. ٽر جا ناليوارا ڪوڏيارا ميدان ۾ لٿل هئا، جوانن جون نيون نُپرايل ڪوڏرون ٻه ڏسڻ وٽان هيون. لوهه جا مظبوط ڦر، ساڳ جا ڳن، جن تي چٽ گل نڪتل، آڏو ٻه هئي پٽر جهڙي چيڪي متي، ليو هڻ ته گٽو آن! ڪوڏرون چيڪات پيون ڪن، زمين وڃي پئي! هوڏانهن ٻه جوانن جا هٿ هئا، رڳو ڪوهه ته ڪونٽو ڪو نه هو، نالو ٻه ڪيرانٽو هو. گهڙي نه گذري ته مڙس پڳهر ۾ شل ٿي ويا پر جيئن ڏينهن تتو، تيئن مڙس متو، واري ڪار لڳي پئي هئي.

”شابي شابي- وڃاءِ فقير، زورن سان وڃاءِ“ ستابي، مگٽهارن کي اشارو ڏنو. مگٽهارن ڏونڪي کي تيز ڪري ڇڏيو، شرناءِ جون زيلون ڪن قاڙڻ لڳيون، دهلڙي واري ٻه پنهنجن هٿن کي تيز ڪري ڇڏيو. ٻئي همراهه پنهنجو وات مُتي ۾ پختو ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ڳتا ڪلين تائين ڦوڪجي ويا، ڳچيءَ جون رڳون سيٽجي وين. ٽئين مڱڻهار به ڪيچ ۾ ڪيل سانداريءَ کي ڦوڪون ڏئي تاڙي چڙيوءِ بين سر ۾ سر ملائڻ لڳي. مڱڻهارن جهمر هٽي ويٺلن کي نچائي ڇڏيو.

ڪوڏيارا به هينئر تيز ٿي ويا هئا. دهل جو ڏونڪو جيئن جيئن تيز پيو ٿيندو ويجي، جوانن جا لپا به تيئن تيئن تڪڙا ٿيندا پيا وڃن. ڪوهه جي ڪپ تي بيٺل ماڻهن جا انبوهه سٽي لپي تي داد ڏئي رهيا هئا. هڪڙا جوان تڪجن پيا ته ٻيا پيا ڪوهه ۾ لهن ۽ اهڙي طرح واري وٽيءَ سان ساهه ڪٽي ڪوڏيارا ڪوهه کوٽي رهيا هئا.

ڪوهه هاٺي ڪوڙ هيٺ ڪجي ويو هو جوانن کي ڪوڏر جو لپو هاٺي مٿي ڪپ تي اڇلائڻو پيو. هاٺي تي خبر پئي ته ڪيترين ويهين سئو آهي. مڙسن لپو هٽي،ڪوڏر ابتي ڪري، زور سان لپي کي مٿي ڪپ تي تي اڇلايو. ڪيترن جوانن جا لپا گسي تي ويا. گهڙي رکي هڪڙا مٿي چڙهي تي آيا ته وري ٻيا هيٺ تي لٿا.... ڏينهن اڇي لڙيو هو ستابي مڱڻهارن کي اصل ويهڻ نه ڏنو هن کي ڪوهه کوٽائڻو هو پيت سجايو ڪرڻو هئس.

ڪوهه جيئن هيٺ ٿي ويو ته تيئن تر جا وڏيڪ ماڻهو ڏسڻ تي آيا. جوانن جا لپا ڪوهه جي تري مان مٿي ڪپ تي تي اچي ڪريا. ڪپر تي به ٿي جوان بيٺا هئا. جيڪي مڏين سڏين ڪوڏرين سان اها مٿي ريڙهي پري ڪندا تي ويا. ماڻهن جي پيهه وڌندي تي وئي. ڪوهه جي ڪپ تي اڏيل ڪانهن ۾ ٽوٽين وارو منهنُ ماڻهن سان ٽمٻجي ويو. دهلن، شرنائين جا آواز، ڪوڏرين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪا، مڙسن جون ڪاتي ڪٽنديءَ هشڪرون ۾ ماڻهن جي واهه واهه جا آواز، مطلب تہ سڄي ڳوٺ ۾ ترٿلو مچي ويو هو.

ٽيپهريءَ جي مهل هئي، ڪوهہ وچي جر سان لڳو هو. سخت ۾ چيڪي مٽي هاٿي ختم ٿي وئي هئي ۽ وارياسي آلي مٽي نڪرڻ لڳي هئي، ڪوڏرن جا لپا هاٿي ڳورا ٿي ويا هئا. لپو هٽڻ تہ سهنجو پر ان کي ڪوهہ جي تري مان مٿي ڪپ تي اچلائڻ ڪو چرچو تہ ڪو نہ هو. نوان ۾ سڏڙيا ڪوڏيارا هينئر ڪوهہ جي ڪپ تي پگهر سڪائي رهيا هئا. تر جا چاتل سڃاتل مڙس ماڻهو ڪوڏرن سان هيٺ لٿا. ڪوهہ تہ ذري گهٽ کوٽجي ويو هو پر ڏسڻو اهو هو تہ ڪير تو لُنگي ڪٽي ۾ سوپارو ٿئي. هر ڪنهن مڙس ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي لپي کي مٿي پٽي اماڻيو. لپا ڏڙا ڏڙ ڪوهہ جي ڪپ تي اچي ٿي ڪريا پر مڙسي تڏهن هئي جڏهن لپو ڪوهہ جي ڪپ مٿان اڏيل منهنَ تي وڃي پئي. ڳالهہ ڪرڻ سولي، ڪم ڪرڻ ڏکيو. ٽيپهري بہ لڙي وئي پر ڪنهن بہ جوان جو لپو منهن تي نہ پيو. ڪوڏيارن جا لپا ڪوهہ مان ايئن ٻاهر ٽپا ڏئي رهيا هئا جيئن مڇي پاڻيءَ مان ٻل ڏيندي آهي. ستابي ڪوڏيارن کي ساهي پٽڻ لاءِ سڏيو. تر جا چارئي ناليوارا ڪوڏيارا سوڍو، ڪمون، بچل ۽ اوباهيو مٿي چڙهي آيا. پاڻيءَ ڍڪ پيتائون، مگٽهارن بہ گهڙي ڪن ويهي جنگهون ناريون، ماڻهن مهڻا پئي ڏنا. چي: "جوان تہ کهڙا ڳهب آهن، اسان جو سڄو ڏينهن وڃايو اٿن پر لپو ڪنهن بہ منهَن تائين نہ پڄايو".

ساهي پٽي چار ئي مڙس وري هيٺ لٿا، ستابي مگٽهارن کي ڪڙو ڪيو. چي: "لپو منهَن تي نہ پيو تہ پوءِ توهان کي بہ ڪوهہ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهيندو سانوَ“.

مڱڻهارن واڄو تيز ڪري ڇڏيو ۽ لپا ڪوهه مان ڇپين وانگي مٿي اٿڻ لڳا. سوڍي جو لپو منهَن جي ٿوٽيءَ سان ٽڪرجي ڪري ٿي پيو. ڪمونءَ جي ڪوڏر ڪم نه ڪيو. بچل ۾ اڃا دم هيو. اوباهيو اڃا نه ٿڪيو هو.

خبر تڏهن پئي جڏهن اوچتو ”وهه وا“ ٿي وئي. اوباهئي جو لپو منهَن جي ڪرنگهي تي وڃي ڪريو. مڱڻهارن جي الله جان چڙائي. هو ڌمال وڄائڻ لڳا. ماڻهو نچڻ لڳا. اوباهيي جا يار دوست ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيا. رڱو جهمريون هجن. ستابو سرهو سرهو سيني ڪان واڏايون وٺي رهيو هو.ڳوٺ جا وڏا ننڍا. زالون. مرد هاڻي ان جوان کي ڏسڻ لاءِ آتا هئا جنهن ڪوڏر جو ڪمال ڏيکاريو هو.

چارئي ڪوڏيارا جيئن ئي ڪوهه مان نڪتا ته ماڻهن اوباهئي کي ڪٽي ڪلهن تي کنيو. مڱڻهارن هو جمالو وڄائڻ شروع ڪيو. ستابي ڳاڙهي لنگي ڪٽي اڇي اوباهئي جي ڪلهن تي وڌي. دهلن وارن کي اڳ ۾ ڪري ماڻهو اوباهئي کي ڳوٺ جو سرگس (سرڪس) ڪرائڻ هليا ويا.

ڳوٺ ۾ اوباهئي جو ڌاڪو ڄمي ويو. لوڙهن وارين گهٽين ۾ ماڻهو اوباهئي کي ڏسڻ لاءِ ڳاهٽ تي ويا. گهرن جي ٿلهن تان مايون پيڻ تي بيهي نرا ڪٽي اوباهئي کي ڏسڻ لڳيون.

گاگڙي چچ جيڏو سينو. موڪرو مٽيادار منهن. چيرائين ڏاڙهي. ڪارا ڇهچ شهپر. جاڙا پرون. اکين ۾ ٻاجهه. ڏورن تي ماس جا روڙا. بت مٿيءَ ۾ پيوت. مڙس ملوڪ. سيئين وصفين سهڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڙهي جي پاڙ مان بسران نرو ڪٽي اوباهئي ڪي ڏنو بسران اوباهئي جي هاڪ تہ ڪوڙ ڏينهن کان ٻڌي هئي پر اڄ هن مڙس کي آمهون سامهون ڏٺو هو. الائي ڪهڙا لفظ زوريءَ نڪري ويا هئس جنهن ڪري ساهيڙين بسران کي چيڙائڻ شروع ڪري ڏنو هو.

گهڙي نہ گذري، سرگس اڳتي وڌي ويو. ساهيڙين نيٺ بسران کي چئي ڏنو "اڙي! ايتري ۾ پاڻي تي پَئينءَ".

"ها پر اوباهيو ڪيڏو نہ پهلوان هجي، بسران سان رونبي ۾ ٽورئي بيهي سگهندو" بي ساهيڙيءَ پاڻ مرادو وراڻيو.

بسران چپ........

هي پروڪي ساوڻيءَ جي ڳالهہ آهي، ان کان پوءِ گذريل وقت ساوڻين کي ڪِيڻ وانگي گهلي الائي ڪهڙي ڀير هيٺان ڍڪي ڇڏيو هو. بسران ڪم ڪار ۾ ڪڙمت جي پورهئي ۾ رڌل. ٻنيءَ جي ڪم مان واندي ٿئي تہ گهر جي ڪرت ، هن کي ٿڌي ساهہ کڻڻ جي واندڪائي ڪا نہ ملندي هئي. ها ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪاتي ڪجندي ڏسندي هئي تہ اوچتو اوباهيو ياد اچي ويندو هوس ۽ ٿڪ ٿي لهي ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن سندس مضبوط من ۾ اوباهئي جي ياد جو گهوبو ٻڌجي جاتون ڏيندي هئي پر وري پورهئو ۽ پگهر انهن جاتن کي سانهر وانگي لپيٽي ڇڏيندو هو.

بسران پنهنجي هاريءَ پيءُ جي اڪيلي ڌيءُ هئي، ساماٽي کي بہ ٽي سال ٿيا هئس پر هاريي ۾ ڪو چڱو ڀلو مڙس ماڻهو هن جي پاسي ۾ بيهي نہ سگهندو هو. پڻس ويهہ جريب ٻني رڳو بسران جي آسري تي ورتي هئي. پاڻ جهور، باقي بہ جوان پٽ ۽ هيءُ وڏور ڌيءُ جوڙي ڏاندن سان سڄي زمين ڪيڙيندا هئا. رونبي ۾ جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسران ٿلهي پنيءَ تائين ور ڪٽي ٻانهون تاڻي بيهندي هئي تہ ٻني تي ويٺل همراهہ ٻج جون مُڙهيون اڇلائيندو ويندو هوس ۽ بسران هڪڙي مڙهي جهپي ٻيءَ مڙهي جهپڻ تائين رنبي وٺندي هئي. ڏسڻ وائسڻ ۾ بہ حور هوندي هئي، قداور، پريل بت، مضبوط هانئي، گول منهن، ڊگهي ڳچي، اکيون چيرايون، جن ۾ پيار ۽ پورهيو ٻکندو هئس، منهن جي ساڄي پاسي نڪ پرسان چٽو ڪارو تر.

پنهنجي ڳوٺ ۽ تر وارن چڱن مڙسن ۽ وڏيرن بسران جي سڱ لاءِ چاليهہ جريب ڏيٽا ڪيا هئا. هن جي جهور پوڙهي پيءُ کي لالچون ڏنيون هيون، ايلاز ڪيا هئا ۽ آخرڪار دڙڪا بہ ڏنا هئا، پر بسران نہ مڃيو هو. هن جي روح ۾ ٻنيءَ جو عشق ڪنهن مضبوط لاهہ وانگر ڪتل هو.

اڄ اوباهئي جي ونگار هئي، پنهنجي پر وارن ڳوٺن جا ڪڙمي ڪاري، زالين مڙسين اچي ڪني ٿيا هئا. بسران بہ پنهنجي ڪراڙي پيءُ ۽ ٻن ڀائرن سميت ونگار تي آئي هئي. هڪ پاسي ٻج جون مڙهيون ٻڌجي رهيون هيون ۽ ٻئي پاسي داڦ لڳل ويهن جريبن ۾ ڏِڪيءَ جو ٿي رونبو شروع ٿي ويو هو. رونبي ڏسڻ لاءِ تر جا ڪيترا ئي ماڻهو مڙيا هئا.

هوءَ ڪاٻي هٿ ۾ ٻج جي مڙهي جهلي ساڄي هٿ سان هڪ هڪ مَرائي هڻندي ٿي وئي. پنيءَ ٻوڙ پاڻيءَ ۾ سندس رونبي جي رفتار اها هئي جو پاڻيءَ ۾ تڪڙي هٿ وجهڻ ۽ ٻاهر ڪيڻ ڪري پاڻيءَ جي لار ٽٽي ئي نہ پئي، ماڻهن کي ڏنڌين آڱريون اچي ويون.

ٻانهون تاڻيل، پورا پورا ڏورا، وارن کي چنبڪو ڏئي پنيءَ تي اڇلائڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڌو ٿي مشڪڻ، ماڻهن کي ڪهاڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڦر جيان ڪپي وڌو. ٿلهي پنيءَ تائين ور ڪنيل، پوري پنيءَ جو پاڻيءَ ۾ آلو ٿي جرڪڻ، پريل جسم جو چلڻ. نوڙي رونبو ڪرڻ ڪري چولي جي ڳچي لڙڪڻ ۽ ارهہ جي چاچول اوباهئي ڪي ڪتر جي ڪهاڙيءَ وانگي ڳترا ڪري وڌو.

اوباهئي گهٽڻ ئي ڏينهن کان بسران جي ساک بڏي هئي، هو جڏهن بسران جي ڳوٺ کوهہ کونڻ ويو هو تہ هن ڏاڍي واجهہ وڌي هئي پر هن کي نظر نہ آئي هئي، اوباهئي ان ڪري ئي شايد ان ڏينهن زور ڏئي ڪوڏر وهائي لنگي ڪتي هئي.

اڄ بسران اوباهئي جي آڏو بيٺي هئي، پلا ٻئي تر جا نالي وارا هاري هئا، ماڻهن جو نظرون هنن ٻنهي ۾ ڪتل هيون، اوباهئي جي مضبوط جسم کي جڻ ڪو واسينگ واسي ويو هو، هو اهڙي طرح هڪ ٽڪ ٿي بسران کي گهوري رهيو هو جڻ هن ۾ چرڻ پرڻ جي ڪا طاقت ڪانهي ۽ پيرن ۾ ڏيپ جمي ويا اٿس. بسران کي رونبو ڪندي ڏسي اوباهيو ائين محسوس ڪري رهيو هو جڻ ٻج جا تيلا هن جي هانوَ ۾ رنبجي رهيا آهن.

رونبو پورو ڪري جڏهن سيئي ڪڙمي مانجهاندو ڪري رهيا هئا تہ هر هڪ جي وات تي بسران جي رونبي جي ساراهہ هئي ۽ پوءِ جڏهن بسران وڃڻ واري ٿي تہ اوباهئي دل ۾ پڪ ڪري ڇڏي هئي تہ بسران جو سڱ وٺي وڏيرن کان بيا ٻہ ويهہ جريب ٻني خوشي ڪري ايندس.

اڄ اوچتو اوباهيو سهڪندو سڌو وڏيري جي اوطاق ۾ لنگهي ويو ۽ هن کي سڀ زمين موٽائي ڏئي هليو آيو. دوستن، ساٿين ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جڏهن پڇ پڇ ڪئي تہ اوباهيو خاموش هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوٽس ڪروڌ ڪيو، پر اوياهئي ڪو جواب نہ ڏنو. هن جون اکيون رت اوڳاڇي رهيون هيون ۽ چپن کي چڙ ڪنهن توپا ڏئي سبي ڇڏيو هئس، ٻئي ڏينهن خبر پئي تہ وڏيرو اڳئينءَ رات ڏهن ڌاڙيلن کي چاڙهي زوريءَ بسران جو سڱ ڪٽائي ويو.

اوياهئي ڪوڏر ڦتي ڪري ڪهاڙي ڪٽي ۽ ان کي تکو ڪرڻ لڳو، دل ۾ پڪ ڪري ڇڏيائين تہ هارپو ڇڏي، هاڻي رهزن ڌاڙيل ٿيڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڇي جي ڪهاڻي

ڪاڇي جو پَٽُ سليمان،
مڙس، زال ۽ ٻه ٻار،
رڃ جو پنڌ،
پَٽُ سليمان ۾-
زال: ٻار اُڃارا آهن، ڪٿان پاڻي آڻ،
مڙس: اوهان ڪرڙ جي ڇانوَ ۾ ويهو،
مان پاڻي ڪٿي اچان ٿو......
ٻار پاڻيءَ لاءِ تڙپن ٿا!.

ماءُ ڪين ڏُتاري ٿي......
ڪرڙ جي تڙڪي واري ڇانوَ ۾،
پَٽَ تي اجايل آگرين سان ٻنا ناهي ٿي،
"هاڻي هِتان پاڻي وهي، هِن ٻَنَي ۾ ايندو!"
۽ پوءِ اُتان وهي هِتي ايندو،
۽ وري پوءِ، اُتان وَهي هِتي ايندو!

تيستائين هڪڙو ٻارڙو اُڃَ وگهي گُهٽڪا ڪائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي دَمُ ڏئي تو، مري ويجي تو!
ماءُ پنهنجي پوٽيءَ مان ٽُڪرُو ڦاڙي،
مري ويل ٻار کي ويڙهي، پاسي تي رکي ٿي!!

۽ هاڻي ٻئي ٻارڙي کي وندرائڻ جا جتن ڪري ٿي،
”هُن ٻَني مان پاڻي وهي، هِن ٻني ۾ ايندو،
۽ پوءِ اُتان وهي هِتي ايندو،
۽ پوءِ صفا هِتي اچي ويندو!“
ايئن ڪندي ڪندي.....
ٻيو ٻارڙو ٻـ اُڃَ وگهي مري ويجي تو!!
ماءُ پنهنجي ڦاٽل پوٽيءَ جي باقي ٽُڪرَ ۾،
ٻئي مُئل ٻار کي ويڙهي پاسي تي رکي ٿي،

۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ،
هوءَ پاڻ بـ اُڃَ ۽ اٿاهـ اوندهـ سبب
دَمُ ڏئي ٿي ۽ مري ويجي ٿي!!

۽ پوءِ پيءُ پاڻي کڻي اچي تو،
۽ ڏسي تو پَٽَ تي ٿهيل ٻَنا
جن مان پاڻي وهي هُت ايندو،
۽ پوءِ هِت ايندو،
۽ ٻارڙا پِي ڏءُ ڪندا!!!

(17 جولاءِ 2003ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور پيرزادو اڪيڊمي طرفان شايع ٿيل ڪتاب

- متان وساريو — انور پيرزادو
- پنائي — انور پيرزادو
- بمبئي ياترا — انور پيرزادو
- سنڌ — انور پيرزادو
- مهين جو دڙو — انور پيرزادو
- جديد سنڌي ادب — انور پيرزادو
- انٽرويوءِ تقريرون — انور پيرزادو
- پٽ جهڙ — انور پيرزادو
- انور پيرزادو تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آهين (ترتيب زرار پيرزادو)
- عشق (شاعري) — امر پيرزادو
- ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو آتم ڪٿا — محمد حسن پيرزادو

- Indus Delta — Anwer Pirzado
- Sindh Scenario — Anwer Pirzado
- Cultural Heritage of Sindh — Anwer Pirzado
- The Editorials of Anwer Pirzado

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور پيرزادو صاحب اول شاعر هو، پوءِ سندس زندگي ۾ آس پاس جي واقعن ۽ حادثن سبب هُو ڪجهه ٻيو بڻيو. پلا مهين جو دڙو پرسان هجي، سنڌوءَ ڇي سير ويجهو وهندي هجي ۽ ڪڇي جي فطرتي سونهن جا رنگ هر وقت نظر سان ملندا هجن. ته اهڙي ماحول ۾ ته ماڻهو يا ٻُڌ جيان فلسفي ٿي سگهي ٿو يا ڪو شاعر ٿي سگهي ٿو. سو جيئن ته انور پيرزادو صاحب بنيادي طور تخليقڪار هو، تنهن ڪري هُن ڪهاڻيون به لکيون، ۽ جن مان "پرين پڇاڻان" ڪهاڻي ته هڪ لاجواب ڪهاڻي آهي، ۽ جيڪا اڳ ۾ گهڻو ڪري روزاني هلال پاڪستان ۾ شايع ٿي هئي، جنهن جي ڪاپي بعد ۾ انور صاحب يا محمد علي پٺاڻ وٽان مون کي به ملي هئي، جيڪا ڪهاڻي مون به، بدر ابڙي صاحب جي ماهوار رسالي 'روح رهاڻ' ۾ انور صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي ٻيهر شايع ڪئي هئي، ۽ جيڪا پڙهي سائين اياز قادري صاحب، انهن ئي ڏينهن ۾ 'روح رهاڻ' جي آفيس ۾ ٿيل ڪچهريءَ دوران هڪ وڏي حيرت جو اظهار ڪندي چيو هو ته، "انور پيرزادو صاحب، اهڙيون شاندار ڪهاڻيون به لکي سگهي ٿو!"

انور پيرزادي صاحب ته اُن وقت جڏهن مان سنڌ ٽي وي تي (گهڻو ڪري ته 2002ع ۾) اسڪرپٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪندو هئس ته اها به خواهش ظاهر ڪئي هئي ته، "جيڪڏهن سنڌ ٽي وي جي انتظاميه چاهي ته مان ڪين مهين جي دڙي تي هڪ ڊرامه سيريئل لکي ڏيئي سگهان ٿو." هاڻي اوهان اندازو لڳايو ته جيڪڏهن مهين جي دڙي جي موضوع تي انور صاحب جهڙو ماڻهو ڊرامو لکي ها ته اهو ڪيڏو نه هڪ تاريخي ڊرامو هجي ها! ان مان ظاهر ٿيو ته انور صاحب جي اندر ڊرامي لکڻ واريون به صلاحيتون موجود هيون.

سو هيءُ وڏي ذات وارو انسان هر شعبي جو ماهر هو. هي ڪهاڻيون پڻ سندس ان علم، مشاهدي، سوچ ۽ فني قابليت جو هڪ مثال آهن، جيڪي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ پڙهندڙن ۽ لکندڙن جي پيدا ٿيل نسلن لاءِ هڪ انڪشاف پڻ هونديون. هي ڪتاب شايع ڪرڻ تي "انور پيرزادو اڪيڊمي" ۽ ان جي سنڀاليندڙن، زرار پيرزادو، زيد پيرزادو، امر پيزادو کي تمام گهڻيون مبارڪون هجن جو هُنن انور پيرزادي صاحب جي علمي ۽ ادبي زندگي جو هڪ نئون پاسو دريافت ڪيو آهي.

- انور ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ هي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، پاڇوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَ نَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَ نَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَ نَ پاڻ هِڪَ ٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَ نَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَ نَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز عِلمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۾ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)